سلسليوار

# ايم.ڪي هيلٿ مئگزين

حيدرآباد

Publication of M.K foundation Hyderabad

Regt: No: 6651/12-13

شمارو: ٽيون/ نومبر، ڊسمبر 2013ع

M.K Foundation Hyderabad Pakistan (Regd)

Humanity the Priority



- ڪاوڙ ۽ اُن کي قابو ڪرڻ جون تدبيرون
- ڊينگي بخار
- گهر ۽ نفسيات
- مايوسي ۽ نوجوانن ۾ خودڪشيءَ ڏانهن لاڙو
- هڪ ڊاڪٽر کي بي نيت مرڻو آهي.
- کل ۽ چمڙي جو سڙي پوڻ
- ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه

پروفيسر ڊاڪٽر شمس بروهيءَ جو خاص انٽرويو



سلسليوار

# ايم.ڪي هيلٿ

مئگزين

حيدرآباد

Publication of M.K foundation Hyderabad Regt: No: 6651/12-13-

شمارو: ڊيون/ نومبر، ڊسمبر 2013ع

## سنڌاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | ايڊيٽوريل- اڇو تہ ٻين جي لاءِ جيئڻ سکون | ادارو | 02 |
| 2 | ڪاوڙ ۽ اُن کي قابو ڪرڻ جون تدبيرون | ڊاڪٽر شاهنواز ايم. ڪي دل | 03 |
| 3 | انٽرويو - پروفيسر ڊاڪٽر شمس رضا بروهي | علي اظهار | 10 |
| 4 | ڊينگي بخار | ڊاڪٽر محمد علي قريشي | 17 |
| 5 | گهر ۽ نفسيات | علي اظهار | 20 |
| 6 | اک ۽ اُن جون بيماريون | ڊاڪٽر شڪيل حيدر سومرو | 25 |
| 7 | مايوسي ۽ نوجوانن جو خودڪشي ڏانهن لاڙو | سنڌيڪار: سميرا قريشي | 28 |
| 8 | ايم.ڪي اسپتال پاران ٽن ڏينهن جي ٻارن جي آپريشنن واري مفت ڪئمپ | (رپورٽ) | 32 |
| 9 | هڪ ڊاڪٽر کي بہ نيٺ مرڻو آهي. | پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو | 33 |
| 10 | ڪل ۽ چمڙي جو سڙي پوڻ | سرجن ڊاڪٽر توفيق احمد | 36 |
| 11 | پيرسنَ جاڻ جي کاڻ آهن. | ڊاڪٽر شاهنواز ايم. ڪي دل | 38 |


اعزازي سرپرست اعليٰ:
پروفيسر ڊاڪٽر نورمحمد ميمڻ

اعزازي سرپرست:
محمد هاشم دل
پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

ايڊيٽر انچيف (اعزازي):
ڊاڪٽر شاهنواز ايم.ڪي دل

مينيجنگ ايڊيٽر:
غلام مرتضيٰ ايم. ڪي دل

ايڊيٽر (اعزازي):
علي اظهار

ايڊيٽر:
امين لاکو

اعزازي ايڊيٽوريل بورڊ:
ڊاڪٽر عنبرين شاهنواز دل
ڊاڪٽر شوڪت پنهور
سرجن ڊاڪٽر زبير يوسفاڻي
ڊاڪٽر عبدالستار دل
سرجن ڊاڪٽر جبين زبير يوسفاڻي
سرجن ڊاڪٽر نواز علي دل
ڊاڪٽر عبدالسلام دل
ڊاڪٽر عبدالحفيظ دل

سب ايڊيٽر:
نريش ڪمار پي. آر لاٽي
ڊاڪٽر عبدالقادر آفتاب قريشي
ڊاڪٽر بابو سنجي
ڊاڪٽر والي ڏنو دل
ڊاڪٽر اَرباب غلام قادر دل

سرڪيوليشن مينيجر:
ڊاڪٽر اسرار احمد لاکو
انصر رضا، شيراز پٺاڻ

مارڪيٽنگ مينيجر:
اشفاق قريشي

ليگل ايڊوائيزر:
ايڊوڪيٽ اياز علي ٽنيو

ڪمپوزنگ ۽ ڊزائننگ:
احمد الدين راڄپر

رابطي لاءِ
ايم.ڪي اسپتال، سٽيزن پلازه، آغا خان اسپتال مين ڄامشورو روڊ حيدرآباد
shahnawazbest74@gmail.com, www.mkfoundationhyd.com
فون نمبر: 0222781771, 0334-2628860

نوٽ: هن رسالي مان ملندڙ آمدني ايم.ڪي فائونڊيشن طرفان منشيات جي علاج ۽ بحالي واري پروجيڪٽ ايم.ڪي گرين هائوس تي خرچ ڪئي ويندي.

All the members of editorial board editors Bureau chief, representatives and coordinators are honorary.

قيمت: 40 روپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# اڇو ته ٻين لاءِ جيئڻ سڪون

درد, ڏک يا بيماري جنهن شيءِ جو نالو آهي اُهو ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ هر انسان وٽ موجود هوندو آهي. رُڳو ذاتي زندگيءَ جي خول ۾ بند ٿي جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي اُنهيءَ دک يا درد کي ڏسي ٿي تہ اُهو درد دنيا جو وڏو ۾ وڏو درد محسوس ٿئي ٿو پر جيڪڏهن هڪ لمحي لاءِ اجتماعيت جي اک سان ڏسبو تہ اسان کي پنهنجو درد ڏاڍو حقير ۽ ننڍڙو نظر ايندو. ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ ٻين جي دک کي ونڊڻ ۾ جيڪا خوشي ۽ مسرت ملي ٿي سا پنهنجي سک جي (Comfort Zone) يعني ڪنج آفيت ۾ رهڻ کان تمام گهڻو وڌيڪ آهي. اِنسان ٻين حيوانات ۽ جمادات کان جيڪڏهن افضل آهي ۽ اشرف المخلوقات جي درجي تي پهتل آهي تہ رُڳو اِن ڪري جو هو ٻين جي درد کي محسوس ڪري سگهي ٿو. جي نہ تہ پنهنجي درد ۾ تہ ڪو بہ جانور سڄي زندگي گذاري ڇڏي ٿو. ٻين جي دک کي ونڊڻ جو هڪڙو فائدو اِهو بہ آهي تہ ائين ڪرڻ سان اسان ۽ اوهان کي پنهنجا دک, درد, اهنج, پريشانيون ۽ بيماريون ننڍڙيون ۽ بي معنيٰ لڳنديون آهن. هڪڙي وڏي نفسياتدان هڪ ڪنهن سيمنار ۾ هيٺ ويٺل ٻين عالمن, ڊاڪٽرن ۽ نفسيات جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن کان پڇيو تہ جيڪڏهن آءٌ توهان کي چوان تہ هڪڙو اهڙو مريض آهي جيڪو ڊپريشن جي اُن حد تي پهتل آهي جتي بس هاڻي هو خودڪشي جي ڪناري تي بيٺو آهي ۽ شايد ڪجهہ ئي سيڪنڊن ۾ هو پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي ئي هٿن سان لڪير ڏئي ڇڏي تہ توهان اُن جو علاج ڪيئن ڪندؤ؟ جنهن جي جواب ۾ ڪنهن دوا جي تجويز ڏني تہ ڪنهن وري ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪرڻ جو مشورو ڏنو. اُن ڏاهي نفسيات دان چيو تہ جيڪڏهن اِهو مريض مون وٽ ايندو تہ مان ڪيس رُڳو ايترو چوندس تہ هُو ڪنهن اهڙي ماڻهن جي مدد ڪري جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪجهہ بہ نہ هو ڏئي سگهي. ائين ڪرڻ سان سندس عزت نفس سگهاري ٿيندي ۽ هُو حقيقي طور تي زندگيءَ کي جيئڻ لڳندو.

ايم. ڪي هيلٿ مئگزين جو هي ٽيون شمارو اوهان جي مانائتن هٿن ۾ محسوس ڪندي اسان کي انتهائي سرهائي محسوس ٿي رهي آهي. هي ايم. ڪي هيلٿ مئگزين اسان جڏهن اجان سوچيوئي پئي تہ اُن وقت اسان کيِ اِن محبت ڀري موٽ جو اندازو بہ ڪونہ هو جيڪو اڄ اسان کي اوهان پاران ملي رهيو آهي. اسان جو پهريون شمارو ڊپريشن تي هو جڏهن تہ ٻئي شماري جو خاص موضوع شخصيت جي بگاڙ تي هو. ٻنهي شمارن ۾ جيتوڻيڪ ٻين بيمارين بابت مضمون شامل هئا پر اسان جي پهرين ڪوشش اِها رهي آهي تہ اُنهن نفسياتي بيمارين ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪايون جن جي ڪري روين ۾ بگاڙ پيدا ٿئي ٿو ۽ سماج ناڪاريت جي ور چڙهي ٿو پر پوءِ بہ اسين اِن سڄي صورتحال کي بيماري تصور ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون جن جو مثال اسان وٽ اڄ ڪلهہ ماڻهن جي روين ۾ اجائي ڪاوڙ ۽ تشدد وارو رجحان آهي ڀلي پوءِ اُهو تشدد عملي هجي يا نفسياتي.

نومبر ڊسمبر واري هن شماري ۾ اسان پنهنجي روايت کي برقرار رکندي ڪوشش ڪئي آهي تہ اوهان جي راءِ نظر ۾ رکون ۽ اُهوئي ڪجهہ ڏيون جيڪو اوهان پڙهڻ چاهيو ٿا. هن شماري ۾ پاڪستان جي ماهر ۽ مشهور نيورو سرجن ڊاڪٽر شمس رضا بروهي جي خاص انٽرويو سان گڏوگڏ ڪاوڙ ۽ اُن جي ضابطي تي پڻ خاص مضمون شامل آهي اُن سان گڏوگڏ گهر ۽ نفسيات, اک ۽ اُن جون بيماريون, مايوسي ۽ نوجوانن جو خودڪشي ڏانهن لاڙو ڪل يا چمڙي جو سڙي پوڻ وغيره شامل آهن.

اڄ ڪلهہ ڊينگي بخار تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي جنهن جو خوف هر پاسي نظر اچي ٿو. جيئن تہ هن مرض لاءِ اجان ڪو باقاعدي علاج ۽ ويڪسين نہ جُڙي سگهي آهي اُن ڪريِ اِن بيماريءَ کان بچڻ جو طريقو اجان تائين احتياط ئي آهي هِن شماري ۾ اسان ڊينگي بخار تي هڪ خاص مضمون ڏئي رهيا آهيون جيئن ڊينگي بابت جيڪا آگاهي هئڻ کپي سا اوهان تائين پهچائي سگهون, جيئن گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو هن مرض جو شڪار ٿين. اسان جيِ اِها ڪوشش اُن وقت مڪمل ٿي سگهي ٿي جڏهن اوهان اسان سان هٿ هٿ ۾ ملائيِ اِن سڄي پيغام کي اڳتي پهچايو ۽ گڏوگڏ اسان جي رهنمائي پڻ ڪيو جيئن وڌ ۾ وڌ انسانيت جيِ اِن اعليٰ ۽ فرض کي نڀائي سگهجي.

ادارو

عمل سان ڪيو ويندو آهي. ڪاوڙ فطري عمل آهي ۽ ڪنهن بہ خطري خلاف اختياريل ردِ عمل هوندو آهي،اِهو سدائين طاقتور جوشيلي احساسن ۽ روين ڪان متاثر ٿيندو آهي جيڪو اسان کي وڙهڻ ۽ پنهنجي حفاظت ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي. جڏهن اسان تي ڪو حملو ڪندو آهي. تہ يقيني حد تائين ڪاوڙ اسان جي بقاءِ جي لاءِ لازمي هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ اسان کي پنهنجين ڪمزورين کي لڪائڻ ۾ پڻ مدد ڏيندي آهي. ٻئي پاسي اسان اُنهن ماڻهن يا شين کي جسماني طور تي ماري ڪُٽي نٿا سگهون جيڪي اسان کي ايذائيندا آهن يا چڙ ڏياريندا آهن. مثال طور قانون جا شڪ، سماجي قدر ۽ عام فهم جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان اسان کي ڪاوڙ ڏانهن وڌي ويندا آهن. ماڻهو ڪاوڙ واري احساسن کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪيترن ئي قسمن جا شعوري ۽ لاشعوري طريقا استعمال ڪندا آهن جيڪي اهم طريقا هوندا آهن اُنهن ۾ بيان ڪرڻ، دٻائڻ ۽ خاموش ٿي وڃڻ شامل آهن. توهان پنهنجي جذبن کي ڪاوڙ واري انداز بدران هاڪاري احساسن واري طريقي سان اظهار ڪريو تہ اهو اظهار جو صحتمند طريقو آهي. اهو ڪرڻ ائين آهي جيئن توهان کي پلي پت خبر هجي تہ توهان ٻين کي نقصان ۽ اهنج رسائڻ کانسواءِ پنهنجون ضرورتون ڪيئن حاصل ڪري سگهو ٿا. هاڪاري رهڻ معنيٰ ٻين تي دٻاءَ يا گهرج واري طريقي سان حاصلات ڪرڻ ناهي پر انهي جي معنيٰ تہ پنهنجي ۽ ٻين جي عزت ۽ احترام ڪندي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ آهي. ڪاوڙ کي دٻائي سگهجي ٿو. يا انهي کي ٻي صورت ۾ بدلائي ۽ نئين طريقي سان واپس آڻي سگهجي ٿو. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن توهان کي ڪاوڙ تي ضابطو هجي. ۽ توهان انهي بابت نہ سوچيندا هجو ۽ ڪنهن هاڪاري شي / طريقي بابت سوچيندا هجو انهي مان اسان جو مقصد اهو آهي تہ ناڪاري ڪاوڙ کي روڪي يا دٻائي پوءِ هاڪاري ۽ تعميري انداز ۾ اظهار ڪجي. اُنهيءَ ردوبدل واري طريقي ۾ اهو نقصان ۽ هاڃو آهي تہ اُنهيءَ کي جيڪڏهن بيروني اظهار نہ مليو تہ اها توهان تي داخلي حملو ڪندي آهي. جيڪڏهن ڪاوڙ اندر يا داخلي حملو ڪندي تہ پوءِ اها بلڊ پريشر ۽ ٻين جسماني نفسياتي مسئلن کي پيدا ڪندي. اڻ اظهاريل ڪاوڙ ڪيترائي مسئلا پيدا ڪندي آهي. اهو اسان جي ڪاوڙ جي بيماري واري اظهار يعني اڻ سڌو ڪاوڙيل رويو (اڻ سڌي طريقي سان ماڻهن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ) آهي اهي ماڻهو جيڪي سدائين ٻين کي هيٺ ڪرائڻ يا تذليل ڪرڻ، هر ڪنهن تي تنقيد ڪرڻ ۽ خبطي قسم جا رايا ڏيندا آهن انهن کي اها خبر ئي نہ هوندي آهي تہ ڪيئن پنهنجي ڪاوڙ کي تعميري انداز سان بيان ڪجي. اُنهي ۾ ڪا بہ حيرت جوڳي ڳالهہ ناهي تہ انهن جا سڄي زندگي ڪنهن سان بہ سٺا تعلق نہ ٿا رهي سگهن. توهان پنهنجي اندر کي پرسڪون ڪريو. ڪاوڙ ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو زهر کائي ۽ پوءِ اها اميد ڪري تہ اهو زهر ٻي ماڻهو کي ماريندو. انهي لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجو پاڻ کي پر سڪون رکو ۽ ذميدارين کي ورهايو.

## ڪاوڙ تي ضابطو ڪيئن آڻجي؟:

**ڪاوڙ جو مثال انهي پريشر ڪڪر جيئن هوندو آهي جنهن تي اسان جيترو وڌيڪ دٻاءُ ڏينداسون اوترو جلدي ڦاٽي پوندو. ياد رکڻ گهرجي تہ پنهنجي ادراڪ ۽ فهم جي ٻيهر ترتيب صحيح ڪرڻ سان اسان ڪاوڙ تي ضابطو آڻي سگهون ٿا ڪاوڙيل ماڻهو هميشہ ٻين تي لعنت، ملامت ڪندي قسم ڪڻڻ يا زور زور سان ڳالهائي پنهنجي اندر جي خيالن / سوچن کي بيان ڪندا آهن جڏهن اسان سان ڪو ڪاوڙيل هوندو آهي انهي مهل اسان جي سوچن ۽ عملن ۾ بي ترتيبي ۽ ڊرامائي تبديليون اچي وينديون آهن. انهي وقت ڪنهن بہ غلط خيال کي عقلي منطق واري خيالن سان بدلايو يا ٻيهر ترتيب ڏيو**

اسان سمورن انسانن جو وڏي ۾ وڏو مقصد حاصلات هوندي آهي. پوءِ اها ڇو نہ ڪاوڙ تي هجي. ڪاوڙ تي ضابطو آڻڻ جو مقصد ڪاوڙ سبب ٿيندڙ جذباتي احساس ۽ جسماني حالتن کي گهٽ ڪرڻ هوندو آهي. توهان انهن ماڻهن مان جند ڇڏائي يا اُنهن کي نظر انداز نٿا ڪري سگهو انهن شين يا ماڻهن مان جيڪي توهان کي ڪاوڙ ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا نہ ئي توهان اُنهن کي تبديل ڪري سگهو ٿا، پر توهان پنهنجي رد عمل تي ضابطو ضرور آڻي سگهو ٿا.

ڪجهہ ماڻهو ٻين کان وڌيڪ ڪاوڙ وارا ڇو هوندا آهن؟ هڪ مشهور ماهر نفسيات جيري ڊيفنبيڪر مطابق ڪجهہ ماڻهو گهٽ دماغ وارا هوندا آهن، اهي عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جلدي شديد ڪاوڙ وارا رويا اختيار ڪري وٺندا آهن. اسان وٽ اهڙا ماڻهو پڻ ملندا جيڪي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار شدت سان نہ ڪندا آهن پر اُهي چڙ چڙا ۽ ناخوشي واري ڪاوڙيل مزاج وارا هوندا آهن. جلدي ڪاوڙ اختيار ڪندڙ ماڻهو ٻين تي لعنتون يا نازيبا لفظ استعمال نہ ڪندا آهن ۽ نہ وري ٻين تي جسماني ڪاوڙ وچان شيون اڇلي هڻندا آهن. اردوءَ جو مشهور شعر آهي تہ:

*بن جائیں گے زہر پیتے پیتے*

*یہ اشک جو پیتے جا رہے ہو*

مٿيون شعر اهڙن ماڻهن جي هوبهو ترجماني ڪري ٿو. اهي سماجي طور پاڻ کي اڪيلائپ غير دلچسپي واري مزاج ۽ پاڻ کي جسماني طور بيمار ڪري وجهندا آهن. ڪجهہ نفسيات جي ماهرن مطابق اهڙا ماڻهو جيڪي آساني سان ڪاوڙ ۾ اچي ويندا آهن انهن ۾ بيزاري ۽ برداشت ڪرڻ جي قوت گهٽ هوندي آهي. اهي ائين محسوس ڪندا آهن يا اميد ڪندا آهن تہ انهن کي بيزار نہ ڪيو وڃي. اُهي وڏا وڏا قدم نہ ٿا کڻي سگهن ماحول جي باري ۾ ۽ خاص

ڪري اُهي شديد غصي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن خاص طور تي تڏهن جڏهن ماحول اُنهن کي غير منصفاڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. مثال طور: جيڪڏهن اُنهن کي ڪنهن ننڍي ڳالهه تي هر هر صحيح ڪيو وڃي. اُها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ائين ڪرڻ ۽ ڪاوڙ ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. انيڪ شيون آهن جيڪي ڪاوڙ جو سبب بڻجن ٿيون. هڪ سبب موروثيت يا جسماني عنوان پڻ آهي. سائنسي تحقيق سان اِها نشاندهي ٿي آهي تہ ڪجهه ٻار چڙچڙا ۽ آساني سان ڪاوڙ ۾ اچڻ وارا حساسيت رکندڙ ڄمندي هوندا آهن. ۽ اِهي سموريون علامتون شروعاتي عمر کان ئي هونديون آهن. ٻيو سبب سماجي ۽ ثقافتي بہ ٿي سگهي ٿو. ڪاوڙ اڪثر ڏکري ناڪاري هوندي آهي. اسان کي سڄي زندگي اِهو ئي سيکاريو وڃي ٿو تہ توهان تشويش، ڊپريشن، مايوسي سوڌو ٻين جذبن جو کلي اظهار ڪري سگهو ٿا پر ڪاوڙ جو اظهار نہ ٿا ڪري سگهو. اُنهيءَ ڪري اسان ننڍپڻ کان ئي نٿا سکون تہ ڪاوڙ کي ڪيئن ضابطي ۾ آڻيون ۽ اُنهيءَ کي تعميري طرز جو ڪيئن بڻايون. سائنسي تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ خانداني پسمنظر جو ڪاوڙ جي سببن ۾ وڏو اهم ڪردار آهي خاص ڪري اُهي ماڻهو جيڪي آساني سان ڪاوڙ ۾ اچي وڃن ٿا اُهي اڪثر ڪري ٽُٽل ڦُٽل، ابتري جو شڪار ٿيل، غير هنرمند خاندانن مان هوندا آهن ۽ اُهي پنهنجي جذبن کي صحيح طريقي سان اظهار جي قوت کان موروثي طور تي خانداني پيچ ڊاهه جي ڪري محروم هوندا آهن.

## ڏبايل ڪاوڙ جا ڪهڙا خطرا آهن؟

ڏبايل ڪاوڙ ڊپريشن ۽ تشويش جو هڪ اهم سبب پڻ ٿي سگهي ٿي. ڪاوڙ جنهن کي صحيح نموني اظهار نہ ڪيو وڃي تعلق کي بہ هانيڪو رسائي سگهي ٿي، رشتن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي، روين جي انداز کي پڻ نقصان رسائي سگهي ٿي ۽ اُن سان گڏوگڏ انيڪ قسمن جا جسماني مسئلا پڻ پيدا ڪري سگهي ٿي. پراڻي (Chronic) يا گهڻي عرصي واري ڪاوڙ صحت جي ڪيترن ئي حالتن سان جڙيل هوندي آهي جهڙوڪ هاءِ بلڊپريشر، مٿي ۾ سور دل جون بيماريون چمڙي جون بيماريون ۽ پيٽ يا آنڊن جون بيماريون. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪاوڙ جي ڪري سماجي مسئلا جهڙوڪ: ڏوهه، جذباتي ۽ جسماني اذيت، ۽ ٻيا ڪيترائي جهيڙيڪار رويا، پڻ جنم وٺندا آهن.

## ڪاوڙ تي ضابطو ڪيئن آڻي سگهجي ٿو؟

جڏهن ڪاوڙ اچڻ شروع ٿئي تہ وڏا وڏا ساهه کڻو هاڪاري طريقي سان چپن ۾ پڙهڪڻ شروع ڪريو پنهنجي ڪاوڙ وارن سوچن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪريو. ساهه ايترو وڏو کڻو جو پيٽ ۽ ڦڦڙن کي ملائڻ واريون مشڪون مٿي ڇڪجي اچن. آهستي آهستي سڪون وارا لفظ چوڻ شروع ڪيو جهڙوڪ سڪون Relax، آسان وٺو Take it easy انهي سموري مشقن کي واري واري سان ڪندا رهو جيستائين ڪاوڙ ختم نہ ٿي وڃي.

جيتوڻيڪ ڪاوڙ جو اظهار نہ ڪرڻ، انهي کي اندر ۾ سانڍي رکڻ کان بهتر آهي ڪاوڙ جو اظهار مناسب طريقي سان ٿيڻ گهرجي. هر هر ڪاوڙ وارن روين جو اظهار انهن روين جي ابتڙ پيداوار هوندو آهي جنهن سبب ٻين سان تعلقات تي تمام گهڻو خراب اثر پئجي سگهي ٿو. هر هر ڪاوڙيل جذبن جو هيجاني انداز ۾ اظهار ڪرڻ دماغي سرشتي، دل جي نظام لاءِ پڻ دٻاءُ جو سبب هوندو آهي ۽ صحت جي صورتحال ۽ حالتن کي ابتر ڪري ٿو. هاڪاريت جي استعمال جو طريقو سکڻ ۽ انهي کي صحيح نموني بيان ڪرڻ صحت لاءِ تمام گهڻو فائديمند هوندو آهي. انهي هاڪاريت واري رويي کي احساسن، ضرورتن ۽ ترجيحن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. هاڪاري طريقن کي استعمال ڪرڻ هزار ڀيرا فائديمند هوندو آهي اُن جي اُبتڙ اهڙين حالتن ۾ ڪاوڙ جي استعمال سان وڌيڪ نقصان ٿيندو آهي. اُن کانسواءِ هيٺيان طريقا استعمال ڪري پڻ ڪاوڙ کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

- جسماني ڪسرت يا ورزش ڪرڻ سان مزاج بهتر ٿئي ٿو. ذهني دٻاءُ ۽ ڪاوڙ ختم ٿئي ٿي.
- ٻين جي مدد ڪرڻ سان توهان کي روحاني سڪون ملندو توهان پنهنجي احساسن سان ڳالهايو ۽ پنهنجي مزاج کي تبديل ڪرڻ جي مشق ڪريو.
- جيڪڏهن توهان کي ڪاوڙ وارا خيال اچن ٿا ۽ انهن کي محسوس ڪرڻ يا انهي جو تدارڪ ڪرڻ ۾ توهان کي ڪا ڏکيائي ٿئي ٿي تہ توهان پنهنجي ڪاوڙ لاءِ هڪ ڪتابچو رکو جڏهن توهان کي ڪاوڙ اچي تہ انهيءَ مهل انهي ڪاوڙ جو جائز ناجائز سبب وقت ۽ طريقو لکو.
- جڏهن ڪنهن تي ڪاوڙ اچي تہ انهي جي ٻئي رخ تي سوچيو ۽ سامهون واري جي جڳهه تي پاڻ کي رکي عمل ڪريو.
- پنهنجو پاڻ تي کلو ۽ خوشي محسوس ڪريو ۽ حالتن جي اندر مزاح کي محسوس ڪريو.
- ٻڌڻ جي سٺي صلاحيتن جي مشق ڪريو ٻڌڻ جي سگهه توهان جي رابطي واري طاقت کي وڌائي اعتبار ڪرڻ واري قوت ۽ احساس کي ٻن ماڻهن جي وچ وارن لاڳاپن کي بهتر ڪري سگهي ٿي. اهو اعتبار توهان کي ڪنهن طاقتور ويڙهاڪ مزاج سان سٺي نموني نڀاءُ ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو.
- پنهنجو پاڻ کي هاڪاريت واري مزاج ۾ رکڻ سکو. بنا ڪنهن دفاعي انداز واري ويڙهاڪ يا جذباتي طور ڀريل هجڻ جي، پنهنجا احساس خاموشيءَ ۽ سڌي طريقي



بدران اهو معاملو حل ڪرڻ جي سوچ اپنايو تہ انهي جو حل ڇا آهي. انهي حل جي ڳولها ۾ سچائپ اصلي خوشي جو رستو ثابت ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ توهان مسئلي جي حل لاءِ جڏهن مصروف ٿي وينديؤ تہ مسئلي تان ڌيان هٽي ويندو پوءِ اهو مسئلو توهان لاءِ معمولي حيثيت جو ٿي ويندو.

## 6. آءٌ واري لفظ کي پنهنجي استعمال ۾ آڻيو:

سدائين ٻين تي تنقيد ۽ الزام مڙهڻ واري عادت کان پاسو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ اها عادت ذهني دٻاءَ کي وڌائي ٿي، هميشہ آءٌ واري لفظ کي هر شيءِ ڪرڻ مهل استعمال ڪريو. سدائين هرشيءِ جي عزت ڪريو ۽ مخصوص طرح سان اُنهيءَ جي مناسبت بابت ڳالهايو. مثال طور: ائين چئو تہ آءٌ ڏورو پريشان ٿي ويو /وئي آهيان ڇاڪاڻ تہ توهان ڪاڏي جي ٽيبل تي پليٽون واپس رکڻ ۾ منهنجي مدد نہ ڪئي پر ائين هرگز نہ چئو تہ "توهان گهر جو ڪو بہ ڪم نہ ٿا ڪريو" ائين ڪرڻ سان ماحول ۾ روين وارو دٻاءُ وڌي ويندو ۽ اُنهيءَ ذهني دٻاءَ سبب ڪاوڙ وڌندي.

## 7. ڪنهن لاءِ بہ دل ۾ برائي نہ رکو:

معاف ڪرڻ هڪ سٺو عمل آهي جيڪڏهن توهان ڪاوڙ ۾ ٻين ناڪاري ۽ غلط قسمن جي سوچن کي پنهنجي دماغ ۾ جاءِ ڏيندا تہ اُهي توهان جي هاڪاري / صحيح احساسن کي گهيري ڇڏيندا ۽ توهان کي توهان جي ئي ڪاوڙ ۾ نا انصافي وارو رويو ڏيکهي ويندو. پر جيڪڏهن توهان اُنهن ماڻهن کي معاف ڪريو ٿا. جنهن جي ڪري اوهان کي ڪاوڙ آئي هُجي تہ توهان اُنهيءَ صورتحال مان پڻ گهٽو ڪجهہ سکي سگهو ٿا. اِهو هڪ غير حقيقي احساس هوندو آهي تہ توهان جيئن چاهيو ٿا اِئين هر ماڻهو اوهان سان سلوڪ ڪري.

## 8. مزاح جي حس کي استعمال ڪري ذهني دٻاءَ کي گهٽائڻ:

جيترو مزاح جو ڀرپور استعمال ڪيو اوترو ذهني دٻاءَ ۾ گهٽتائي ٿيندي. توهان ڪُوڙي قسم جو بيوقوفي وارو تنزيا مزاح نہ ڪيو اُنهن سان احساس ايذائجن ٿا ۽ حالتون ابتريءَ ڏانهن وڌنديون وڃن ٿيون. بيوقوفاڻن مزاح وارن جملن سان ڪاوڙ کي ختم ڪري سگهجي ٿو. ڪاوڙ ۾ ماڻهن کي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ اخلاقي طور تي اُهي صحيح آهن. اُنهن جي منصوبابندين ۾ ڪابہ تبديلي يا رڪاوٽ ناقابل برداشت هوندي آهي ۽ اُنهن جي شان جي خلاف هوندي آهي. اُنهيءَ ڪري ڪاوڙ وارو پارو اڃان وڌندو ويندو آهي. مزاح وارن جملن تي هميشہ ڪاوڙ جي وقت ڀروسو ڪري سگهجي ٿو.

## 9. پنهنجو پاڻ کي ٺيڪ رکڻ واريون مشقون ڪريون:

جنهن وقت توهان جو مزاج بگڙي اُنهيءَ مهل جسماني طور پاڻ کي ٺيڪ محسوس ڪرڻ واريون مشقون ڪريو. مثال طور: وڏا وڏا ساهہ کڻو دماغ کي ٿڌو رکڻ وارا نظارا پنهنجي خيال ۾ تخيل ۾ آڻيو هر هر اهڙا لفظ ورجايو جيڪي دماغ سان گڏ جسم کي پڻ ٿڌو ۽ پرسُڪون رکن. مثال طور: (Take it Easy) آسان سمجهڻ، پاڻ کي پاڻ ئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو موسيقي ٻڌڻ شروع ڪريو ڪنهن مئگزين يا رسالي لاءِ لکڻ شروع ڪريو يوگا جو مشقون ڪريو. ڪاوڙ آڻيندڙ شين ۽ سببن کي ڪاغذ تي لکو.

## 10. اِهو ضروري سمجهو تہ ڇا توهان کي مدد جي ضرورت آهي؟

ڪاوڙ تي ضابطو آڻڻ ارو طريقو سکڻ هڪ وڏي پيچيدگيءَ وارو مسئلو آهي. اُنهيءَ وقت ضرور ڪاوڙ کي گهٽ ڪرڻ بابت مدد حاصل ڪريو جڏهن توهان جي ڪاوڙ توهان جي ضابطي ۾ نہ هُجي ۽ توهان جي اِردگرد جي ماحول ۽ اُتي رهندڙن کي نقصان ڏئي يا توهان کي پشيماني جو شڪار ڪري توهان ڪاوڙ جي ضابطي لاءِ مدد ضرور حاصل ڪريو. پر اُنهيءَ سان گڏوگڏ توهان کي اِها خبر هُجڻ کپي تہ ڪاوڙ ڇا آهي؟ اُهي ڪهڙيون شيون آهن جيڪي ڪاوڙ کي اُڀارين ٿيون؟ اُهي علامتون ۽ اهڃاڻ سڃاڻي وٺو جيڪي ڪاوڙ مهل توهان تي حاوي هوندا آهن. اِهو پڻ سکي وٺو تہ بيزاري ۽ ڪاوڙ واري صورتحال تي ڪيئن صحتمند طريقي سان ضابطو آڻي سگهجي ٿو؟ پنهنجي اندروني ڪيفيتن يعني اُداسي مايوسي وغيره کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. سڄي دنيا ۾ ڪاوڙ تي ضابطي آڻڻ لاءِ ڪيترائي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن پر هر اُهو ماڻهو جيڪو ڪاوڙ ڪيني، ڪدورت ۽ حسد جو شڪار هوندو آهي اهو اُنهن صحتمند طريقن مان پنهنجي زندگيءَ کي آسان بڻائڻ لاءِ تربيتي ڪورسن جو حصو ضرور ٿيڻ کپي.

## 11. پنهنجو ماحول بدلايو:

ڪڏهن ڪڏهن توهان جي ڀرپاسي جو ماحول ئي هوندو آهي جيڪو توهان کي بيزاري، چڙ ۽ ڪاوڙ ۾ مبتلا ڪندو آهي. مسئلا ۽ ذميواريون اسان کي انهيءَ مهل وڏيڪ چڙ وارو ڪري ڇڏينديون آهن جڏهن ڪجهہ حالتون يا ماڻهو اسان کي اُنهن مسئلن کي حل ڪرڻ توڙي اُنهن ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ رنڊڪ وجهندا آهن. انهي وقت اسان کي گهرجي تہ اُنهيءَ صورتحال کان پري نڪري ننڍي ساهي يا وقفو وٺون. انهيءَ مهل پنهنجي ذات لاءِ وقت ڪڍون تہ جيئن توهان سهڻي نموني انهي ذهني دٻاءَ مان ٻاهر نڪري سگهو. مثال طور هڪ عورت جيڪا ڪنهن آفيس يا اداري ۾ ڪم ڪري جڏهن گهر پهچندي آهي تہ انهي وقت اها چاهيندي آهي تہ انهي کي ٿورو وقفو ملي يا ساهي ملي تہ جيئن آفيس ۽ آفيس کان گهر پهچڻ تائين واري ماحول جي دٻاءَ کي هضم ڪري سگهي، انهي مهل جيڪڏهن هن لاءِ ايندي شرط گهر ۾ هنگامي صورتحال هوندي تہ هوءَ ويتر پريشان ۽ ڪاوڙ ۾ مبتلا ٿي ويندي ۽ ٻارن يا گهر جي ڀاتين تي گوڙ گهمسان ڪري رڙين سان ڳالهائڻ شروع ڪندي. جنهن جي ڪري گهر جي اندر واري پيداواري صلاحيت سخت متاثر ٿيندي.

## 12. وقت:

صحيح وقت جي چونڊ ڪرڻ هڪ اهم تدبير آهي. اڪثر ڪري ڪم ڪار ڪرڻ وارا فرد جڏهن رات جو گهر ايندا آهن تہ انهي مهل اهي ٿڪل، ٿڪل ۽ سوچن جي حوالي سان ٽڙيل هوندا آهن ڇاڪاڻ تہ سڄي ڏينهن جي ڪم جو دٻاءُ اڳي ئي انهن کي بيزاري جو شڪار ڪري چڪو هوندو آهي پوءِ جيڪڏهن انهي مهل گهر واري

يا گهر جو ڪو فرد انهن سان ڪا ڳالهه چاهي اها صحيح هجي يا غلط بيان ڪرڻ چاهيندو آهي ته اهي فر پنهنجي مزاج ۾ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ماحول کي ويتر خراب ڪري ڇڏيندا آهن. انهي وقت اُن فرد ڪانسواءِ ٻين ياتين کي گهرجي ته ڳالهه ڪرڻ لاءِ وقت جي صحيح چونڊ ڪن. انهي سان وڏي کان وڏا مسئلا پرسڪون ٿي حل ڪري سگهجن ٿا. ٻي صورت ۾ بحث مباحثي ۽ ڪاوڙ ڪانسواءِ ڪجهه به پلئه نه پوندو.

## 13. لنوائڻ:

توهان جي ٻارن ٻارن کيل شرارتن سبب جيڪڏهن توهان کي سخت ڪاوڙ اچي انهي مهل توهان دروازو بند ڪري ويهي رهو. انهي مهل انهي شين ڏانهن نه نهاريو جيڪي توهان کي چريائپ جي حد تائين ڪاوڙ ۾ آڻڻ جو سبب ٿين ٿيون. انهي وقت اهو نه سوچيو ته ٻار راند روند ڪانپوءِ ٽڙيل پکڙيل شيون ڪو سليقي سان رکي ويندا اٿين هر گز ناهي ٿيندو توهان پنهنجو پاڻ کي پر سڪون رکو ٻار ته مستقل بنيادن تي حرڪتون ڪندا رهندا آهن پوءِ توهان پنهنجي ڪاوڙ کي لنوائي ڇڏيو يا نظر انداز ڪري ڇڏيو.

## 14. متبادل ڳولهڻ:

مثال طور توهان پنهنجي آفيس يا ڪم واري جڳهه تي وڃڻ لاءِ روزانو ڪنهن اهڙي ريل يا گاڏي ۾ وڃو ٿا جيڪا هجوم يا ماڻهن جي گهڻائي يا انهيءَ مسافريءَ واري رستي جي ڏکيائين ڪري توهان کي ڪاوڙ ۾ مبتلا ڪري ٿي ته انهي لاءِ توهان ڪو اهڙو متبادل ڳولهڻ جي منصوبابندي ڪريو جو توهان جي رستي ۾ رڪاوٽون گهٽ هجن يا اهو متبادل رستو نظارن سان پرپور هجي ته جيئن توهان بيزاريءَ جو شڪار نه ٿيو.

## 15. ڇا توهان کي مشاورت جي ضرورت آهي؟:

توهان جڏهن محسوس ڪريو ته هاڻي توهان جي ڪاوڙ توهان جي ضابطي ۾ ناهي ۽ اها توهان جي تعلق ۽ سماجي ڪاروهنوار يا ڪٽنبي رهڻي ڪهڻي کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪري ٿي ته انهي مهل توهان کي ڪنهن ماهر نفسيات ۽ مشاورت جي ماهر سان رابطو ڪرڻ ضروري بڻجي وڃي ٿو. اهي ماهر توهان کي مختلف تدبيرون ۽ ٽوٽڪا سمجهائيندا ته ڪيئن انهي صورتحال تي ضابطو ڪري سگهجي ٿو. سچي دنيا جا ماهر نفسيات ۽ مشاورت جا ماهر انهي ڳالهه تي قائم آهن ته ڪاوڙ معاشري کي ابتري ڏانهن وٺي ويندي آهي.

## 16. مسئلن جو حل ڳولهڻ:

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته اسان جي ڪاوڙ ۽ بيزاري اسان جي زندگي جي حقيقي مسئلن جي ڪري پيدا ٿيندي آهي ۽ اها ڪاوڙ قدرتي قسم جي ڏکيائين جي برخلاف هڪ رد عمل هوندو آهي. اهو تاريخي ۽ تهذيبي عقيدو آهي ته هر ڪاوڙ جو حل به موجود هوندو آهي. توهان جيڪڏهن مسئلن جو حل ڳولهڻ لاءِ منصوبا بندي ڪندؤ ۽ انهي دوران ٿيندڙ سرگرمي جو ڪاٿو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته توهان مسئلي مان ٻاهر نڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان پنهنجي بهترين ارادن ۽ عملن سان انهي کي ختم ڪرڻ لاءِ حل ڳولهيندؤ ته پوءِ اها ڪاوڙ جو سبب بنجندڙ صورتحال توهان کي بيزاري جو شڪار نه ڪري سگهندي ۽ توهان ڪاميابيون ماڻي وٺندؤ.

## 17. بهتر ڳالهه ٻولهه:

ڳالهه ٻولهه ۾ بهتر طريقي سان حصيداري ڪرڻ سان ڪاوڙ واري صورتحال مان آرام سان نڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪاوڙ جا شڪار ماڻهو نتيجن تي عمل ڪندا آهن انهن جي اندر حل ۽ سببن بابت سوچڻ وارو صبر نه هوندو آهي. نتيجن بابت سوچڻ ڪڏهن ڪڏهن بهتر نه هوندو آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن اهڙي بحث مباحثي ۾ ويٺل آهيو يا اُن جو حصو آهيو جيڪو پڙڪندڙ لاوي وانگر تيز کان تيز ٿيندو ويندو هجي انهي مهل توهان خاموشي اختيار ڪري آهستي آهستي انهي جي محرڪن ۽ سببن تي ڌيان ڏيو. تڪڙ ۾ ڪابه ڳالهه نه ڪريو آهستي سوچيندي صحيح حل بابت فڪر انگيزي سان سوچيو. انهي مهل پرسڪون رهي ٻي ماڻهو جي خاموشي سان ڳالهه ٻڌو ته هو ڇا چئي رهيو آهي پوءِ ٿڌي دماغ سان انهي جو جواب ڏيو.

غور سان ۽ گهرائي سان ٻڌو ته انهي ڪاوڙيل ماڻهو جو موقف ڇا آهي؟ انهي جو سبب ڪهڙو آهي؟ مثال طور ٻين سان ويجهڙائپ ۽ تعلق رکڻ لاءِ توهان گهڻي حد تائين اظهار جي آزادي ۽ ذاتي حقيقتن کي ترجيح ڏيندا آهيو؟ انهي مهل ڪو جيڪڏهن توهان جي سرگرمين ۽ ڪم ڪار جي طريقي تي ڪا تنقيد ڪري اُن وقت توهان کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته هو توهان تي ڪنهن جيلر يا وڏي جي حيثيت ۾ حڪم هلائي توهان کي هيٺ ڏيکارڻ چاهي ٿو. اهڙي سچي صورتحال مان نڪرڻ لاءِ ابلاغ يعني ڳالهه ٻولهه جي طريقن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. اهو اُن وقت فطري عمل آهي ته جڏهن ڪو توهان تي تنقيد ڪري ٿو انهي مهل توهان دفاعي انداز ۾ پنهنجي بچاءَ واري حالت ۾ اچي ويندا آهيو پر انهي ۾ اسان کي تنقيد جي مقابلي ۾ جهيڙي لاءِ تيار ٿيڻ نه گهرجي. ان وقت انهي ڳالهه جو ڌيان رکڻ ضروري آهي ته جيڪڏهن توهان تي ڪو تنقيد ڪري رهيو آهي يا ڇوهه ڇنڊي رهيو آهي اهو توهان جي ذات لاءِ ڪيترو ڪارآمد آهي پوءِ اهو عارضي طور تي توهان کي سخت ڪڙو به لڳندو پر اڳتي هلي اهو توهان کي فائدو ڏيندو. انهي تنقيد مان ڪهڙو پيغام ملي ٿو بهتر رابطا، ڳالهه ٻولهه جي نرمي پڙڪيلي ڪاوڙ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. هر انسان کي هڪ مخصوص وقت لاءِ هن دنيا ۾ رهڻو آهي. پوءِ انهي جمار جي ڪارآمد دؤر ۾ جيڪڏهن اهو اڙي ڪري جيئڻ جي بدران جيڪڏهن "جيءُ" ڪري جيئندو ته وقت جون گهڙيون پرسڪون گذاريندو ۽ زندگي خوشين جي سرشاري سان گذرندي.

يوناني ڏاهي ارسطو ڪاوڙ جي باري ۾ ٻڌايو ته ڪاوڙ ۾ ته هر ماڻهو مبتلا ٿي سگهي ٿو ۽ اهو هڪ آسان ڪم آهي پر ڪاوڙ صحيح ماڻهو صحيح حد، صحيح مقدار صحيح مقصد، صحيح وقت ۽ صحيح طريقي سان ڪرڻ اِهو هڪ نا ممڪن ڪم آهي جيڪو ڪير به نه ٿو ڪري سگهي. ڪاوڙ ڪرڻ جو اُنهيءَ کي ئي



# انٽرويو

# پروفيسر ڊاڪٽر شمس رضا بروهي

پروفيسر آف نيورو سرجري پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائينسز فار وومين نواب شاهه (شهيد بينظير آباد)

انٽرويو: علي اظهار

**ڊاڪٽر شمس رضا بروهي ضلعي دادو جي شهر بوبڪ ۾ پيدا ٿيو جيڪو منڇر ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي آهي، 1986ع ۾ پاڻ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري منجهان ايم بي بي ايس ڪيائون. جڏهن ته ايف سي پي ايس 1993ع ۾ پاس ڪيائون. هن وقت پاڻ پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائينسز فار وومين نواب شاهه (شهيد بينظير آباد) ۾ پروفيسر آف نيورو سرجري طور ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌن شمار ملڪ جي انتهائي ماهر نيورو سرجنز ۾ ٿئي ٿو.**

**ادارو: اسان وٽ دماغ جون ڪهڙيون بيماريون عام آهن، جيڪي روزانو اوهان جي نظر مان گذرن ٿيون؟.**

- اسان وٽ دماغ جي عام بيماريءَ ۾ گهڻو ڪري اُهي بيماريون شامل آهن جيڪي مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ جي ڪري ٿينديون آهن. جن ۾ گهڻو ڪري ڪهاڙين، بندوقن يا مختلف قسمن جي ايڪسيڊنٽس جي ڪري ٿينديون آهن. جن جو وڏو سبب اِهو آهي ته اسان وٽ ماڻهون قانون جي پابندي نه ٿا ڪن. مثال طور: "توهان ڏسندا آهيو ته موٽر سائيڪل جيڪا بنيادي طور تي ٻن ماڻهن لاءِ آهي، اُن تي پنج ماڻهو ويهندا آهن. جڏهن ته ڪوڙ سارن موٽر سائيڪلن ۾ سائيڊ وارا شيشا به ڪونه هوندا آهن جن جي ڪري روڊ حادثن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو وڃي ٿو. اُن کان سواءِ اڄ ڪلهه اسان وٽ ماڻهن ۾ اشتعال يا ڪاوڙ تمام گهڻي آهي. آءُ اڪثر ڪري چوندو آهيان ته اسان وٽ ماڻهن جا مٿا گرم آهن ۽ دليون ٿڌيون آهن. اِهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي الائي ڪيترا قتل ٿي ويندا آهن جڏهن ته اهڙين ڳالهين جي بظاهر ڪا اهميت به ڪونه هوندي آهي. اِن ڪري اسان وٽ اسپتالن ۾ جيڪي گهڻا ڪيسز اچن ٿا اُهي گهڻو ڪري (Trauma) جا هوندا آهن. اُن کانسواءِ اسان وٽ دماغ جي ٻين بيمارين ۾ اهڙا مريض هوندا آهن جن کي گهڻو ڪري پيدائشي بيماريون هونديون آهن، جن ۾ اڪثريت ٻارن جي هوندي آهي. انهن ۾ اڪثر ڪري وڏن مٿن وارا ٻار يا اُهي ٻار جن جي ڪنڌي ۾ نقص هوندو آهي. ڪجهه بيماريون وري اهڙيون به آهن جيڪي گردن ٽوڙ بخار وغيره جي ڪري به ٿينديون آهن. اُن کانپوءِ اسان وٽ برين ٽيومر يا دماغ جو ڪينسر پڻ تمام گهڻو آهي. گڏوگڏ اسان وٽ فالج جا مريض پڻ جهجهي تعداد ۾ اچن ٿا.

**ادارو: فالج کي عام طور ڳوٺاڻي نموني سان جنهن ريت ڏٺو ويندو آهي يا وري اُن جو علاج ڪيو ويندو آهي بحيثيت دماغ واري ڊاڪٽر جي اوهان اُن کي ڪيئن ٿا ڏسو؟.**

- اسان وٽ فالج لاءِ ماڻهن جا عجيب و غريب نظريا آهن گهڻو ڪري اسان وٽ ائين ٿيندو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن کي فالج ٿي پوي ته گرميءَ جي موسم اندر جون جي مهيني ۾ پڪا وغيره بند ڪري مريض کي سوڙيون وجهي ويهاريو ويٺا هوندا آهن. اِن لاءِ آءُ ڪوڙ سارن فورمن تي اهو چئي چُڪو آهيان ته اِن مرض جو هوا سان ڪو به تعلق ڪونهي جيڪڏهن مٿي ڀڏايل ٽريڊيشنل طريقي سان ڪنهن فالج جي مريض کي علاج هيٺ رکبو ته اڃان به وڌيڪ نقصان ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. مون فالج تي هن وقت تائين تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن آءُ اهڙي مريض جي اٽينڊنٽ کي چوندو آهيان ته هن کي وڃي وهنجاريو ۽ هُو حيران ٿي مون ڏانهن نهاريندا آهن.

**ادارو: اوهان مٿي دماغ جون جيڪي ٽن قسمن جون بيماريون يا مرض ڀڏايا آهن، اُنهن مان وڌيڪ عام ڪهڙو قسم آهي؟**

- مٿي ڀڏايل ٽنهي قسم جي مرضن منجهان اسان وٽ ٽراما يا مٿي جي ڌڪ لڳڻ جا ڪيسز تمام وڌيڪ آهن جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته اسان جا ماڻهو دماغي طور ڪيڏا گرم ۽ تڪڙا آهن ۽ هُو پنهنجي زندگيءَ وانگر پنهنجون گاڏيون به ڪيڏيون تيز هلائين ٿا.

**ادارو: اسان وٽ دماغ جي ڪهڙين بيمارين جا آپريشن ٿين ٿا.؟**

- هن وقت دُنيا ۾ دماغ جي سرجري جا جيترا به آپريشن ٿين ٿا اُهي اسان وٽ پاڪستان ۾ به ٿين ٿا. جن ۾ ٽيومر، ٽراما، هڏي پچڻ وغيره شامل آهن. اُن کانسواءِ اسان وٽ نيورو انڊواسڪوپي پڻ ٿئي ٿي. هن وقت پاڪستان ۾ 2 يا 3 سينٽر اهڙا آهن، جن ۾ نيوروانڊواسڪوپي ٿئي پئي جنهن ۾ پي. ايم. سي نواب شاهه پڻ شامل آهي. اسان جي نواب شاهه واري نيوروانڊواسڪوپي سينٽر جي خاص ڳالهه اِها آهي ته اسان هن وقت تائين ٻه ڪان ٽي سؤ آپريشن ڪري چُڪا آهيون. اِن کان سواءِ ٻارن جا ڪئين دماغن جا آپريشن، ٽراما وارن ڪيسن ۾ مٿي ۾ رت ڄمي وڃڻ وارا آپريشن پڻ شامل آهن. اُن ڪري اسين اِها دعوي ڪري سگهون ٿا ته هن وقت دنيا ۾ دماغ جا جيترا به آپريشن ٿي رهيا آهن اُهي اسين پڻ ڪري رهيا آهيون.

**ادارو: جيئن اوهان چيو ته دنيا ۾ جيڪي به دماغ جا آپريشن ٿين ٿا اُهي اسان وٽ به ٿي رهيا آهن ته پوءِ ٻاهرين دنيا جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ اُنهن آپريشنن جي ڪاميابيءَ جا ڪيترا امڪان هوندا آهن.**

- اصل ۾ ڪاميابيءَ جو امڪان بيماريءَ جي نوعيت تي منحصر هوندو آهي. اُن حساب سان اسان وٽ آپريشن دوران يا آپريشن کان پوءِ جيڪو (Death rate)يا موت جو انگ اکر يا موت جا امڪان يا وري ڪاميابي جا امڪان موجود آهن اُهي دنيا جي بهترين سينٽرن جي برابر آهي. 1999ع ۾ جڏهن مان هتي پي ايم سي ۾ آيو هيس ته اِتي اهڙي قسم جون ڪي خاص سهولتون موجود ڪونه هيون. اُن کان پوءِ اسان ذاتي ڪوششون وٺي هڪڙو سنو وارڊ ٺاهيو جنهن ۾ الله جي مهرباني سان اڄ آپريشن ٿيٽر، آءِ سي يو ۽ چاليهه بيڊن وارو وارڊ آهي، جيڪا سچ پچ اسان جي محنتن ۽ محبتن جي حاصلات آهي. 1999ع کان اڳ ۾ ڪيترائي ماڻهو رُڳو سي ٽي اسڪين ڪرائڻ ڪراچي ويندا هُئا. جيئن اُهي جاچي سگهن ته دماغ جي اندر ڪو مسئلو ته ڪونه آهي. جڏهن ته اسان اِهي سڀ سهولتون اِتي جو اِتي ميسر ڪيون آهن. آءُ ته ائين به چوان ته جيڪڏهن اسين ماڻهن کي رُڳو اها سهولت به ڏيون جو اُنهن کي اِها پڪ ڏياريون ته سندن مريض خطري کان ٻاهر آهي ته کين ڪيڏي وڏي تڪليف کان بچائي وجهون. اُن کان پوءِ جيڪڏهن 10 سيڪڙو ڪو مسئلو آهي ته اُن جي لاءِ اسان وٽ وارڊ ۾ ٻيون سهولتون موجود آهن.

**ادارو: اسان وٽ سرڪاري سطح تي اسپتالن بابت جيڪا عام راءِ آهي جنهن جي ڪري ماڻهو سرڪاري اسپتالن ۾ داخل ٿيڻ کان لنوائيندا آهن اوهان ڇا ٿا سمجهو ته اِن ۾ ڪيتري حقيقت آهي ۽ اوهان جي اچڻ کان پوءِ اوهان جي وارڊ ۾ اِها راءِ ڪيتري تبديل ٿي آهي؟**

- اِن ڏس ۾ اسان جي پوري ڪوشش آهي ته سرڪاري اسپتالن جي حوالي سان اِهو رجحان گهٽجي پر اِن ۾ سسٽم جا ڪوڙ سارا مسئلا آهن. مثال طور جيڪڏهن بجيٽ به هجي ۽ ٻيون سهولتون به ميسر هجن پر مين پاور نه هجي ته پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟. مثال طور اڪثر اسان ڏسندا آهيون ته سرڪاري اسپتالن جي وارڊ ۾ ڊاڪٽر ڪونه هوندو آهي. جڏهن ته ڪنهن به وارڊ ۾ جتي 24 ڪلاڪ ايمرجنسي هجي اُتي ڪو نه ڪو پروفيسر يا ڊاڪٽر موجود ته ضرور هجڻ کپي. اِهو سبب آهي جو جيڪي ماڻهو سرڪاري اسپتالن ڏانهن ويندا آهن اُهي چوندا آهن ته اسين اسپتالن ۾ ته وياسين پر اُتي ڪو به ڊاڪٽر ڪونه هو. اصل ۾ اِهو انتظاميه ۽ سسٽم جو ڪم آهي ته اُهي اهڙين جاين تي ڊاڪٽر مهيا ڪن. اِن ڪري سرڪاري اسپتالن ۾ رُڳو ايڊمنسٽريشن جو ئي مسئلو آهي باقي ٻيون سڀ سهولتون به موجود آهن ۽ گڏوگڏ دوائون پڻ ميسر آهن. اسان وٽ بنيادي طور تي مين پاور جي گهٽتائي هجڻ سبب جديد مشينري کي هلائڻ ۾ مسئلو پيش اچي ٿو. جو ته صحيح ٽيڪنيشن جيڪي لاڳاپيل مشين کي هلائي سگهن اسان وٽ اُنهن جي کوٽ آهي. ساڳي صورتحال اسان وٽ پي. ايم. سي ۾ به آهي مثال طور اسان وٽ ڪيتريون ئي اسڪيمون موجود آهن جن ۾ ٽراما سينٽر، يورولوجي انسٽيٽيوٽ، ميٽرنٽي چائيلڊ جو وارڊ ته ٺهي ٻيو پر آءُ اُنهن کي اڪثر چوندو رهندو آهيان ته اوهان جا اِهي سڀ قدم ته ٺيڪ آهن پر اُن کان اڳ ۾ اوهان اُنهن جا ايڪسپرٽ (ماهر) ته آڻيو. اِهو ته ائين آهي جيئن اسان بلڊنگون ته ٺاهي ڇڏيون پر اُنهن ۾ ماڻهو موجود نه هجن. يا وري ڪنهن کي F. 16 جهاز ته ڏئي ڇڏجي پر اُن کي هلائڻ نه اچي.



**ادارو: دماغ جي رسولي ڇا آهي ۽ اُن جو علاج ڇا آهي؟**

- رسولي عام زبان ۾ ڳوڙهي کي چئبو آهي ۽ دماغ جي رسولي جو مطلب آهي دماغ جي اندر موجود ڳوڙهو. اِها رسولي اهڙي شيءِ آهي جيڪا ماڻهو جي ضابطي ۾ نه هوندي آهي. رسولي کي ائين به سمجهي سگهجي ٿو ته هر شيءِ واڌ ويجهه ڪري ٿي پر اُها ضابطي هيٺ رهي ڪري وڌي ويجهي ٿي پر رسولي اهڙي شيءِ آهي، جنهن ۾ جسم جو ڪو به حصو پنهنجو پاڻ ئي وڌي ويجهي ۽ ضابطي ۾ نه هجي پوءِ اُهو پلي جيري، ڦڦڙ يا دماغ ۾ چونه هجي اُها ئي رسولي هوندي آهي جنهن کي ڪٽڻ جي ضرورت هوندي آهي. رسوليءَ لاءِ ٽن قسمن جا علاج هوندا آهن پهريون ڪيموٿراپي، ٻيو ريڊيو ٿراپي ۽ ٽيون سرجري.ريڊيو ٿراپي جو مثال ڪينسر وارڊ آهي، جنهن ۾ ڪيمو ٿراپي ۽ ريڊيو ٿراپي پڻ ڪئي ويجي ٿي، سرجري ۾ اسان ٽيومر جو علاج ڪندا آهيون جيڪو ڪامياب وڃي ٿو. اِن ڏس ۾ دماغ اندر ٻن قسمن جا ٽيومر هوندا آهن هڪڙا اُهي جيڪي دماغ کان ٻاهر آهن اُنهن جا آپريشن سؤ سيڪڙو ڪامياب ويندا آهن ۽ وري اُهي ٽيومر ڪونه ٿيندا آهن. باقي اُهي ٽيومر جيڪي دماغ جي اندر موجود هوندا آهن ۽ ڦهلجندا رهندا آهن اُن لاءِ جيڪڏهن توهان اُن کي ڪيڏي به ڇڏيو تڏهن به سڄي دنيا اندر اهڙن آپريشنن جي ڪاميابي جو تناسب تمام گهٽ

ڪنسٽريڪشن سي ٽي اسڪين ڇٻو آهي جيڪو هتان جي لاءِ بلڪل نئين ۽ جديد ٽيڪنالاجي آهي پر ساڳيو سي ٽي اسڪين مون جاپان ۾ 1995ع ۾ ڏٺو هو. هاڻي ايتري پراڻي ٽيڪنالاجي اڄ اسان وٽ 2013ع ۾ پهتي آهي يعني اسين جديد دنيا جي ٽيڪنالاجي کان 10 کان 15 سال پوئتي آهيون ۽ مزي جي ڳالهه اِها آهي ته اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن مان 1995ع ۾ جاپان ويو هيس ته جاپان اندر 5000 نيورو سرجن هئا جڏهن ته هن وقت اسان وٽ 2013ع ۾ ڪُل 150 نيورو سرجن آهن. هاڻي جيڪڏهن مان چوان ته نواب شاهه اندر نيورو سرجري به هجي ۽ وري مختلف شعبن جا ماڻهو به هجن جن مان هڪڙو اسپائنل سرجري ڪري، هڪڙو ٽراما ڪري، ٻيو برين ٽيومر ڪري ته اوترا ماڻهو به ته هجن. اُن ڪري آءٌ وري ڳالهه ساڳي ڪندس ته جيستائين ٽيڪنيڪل ماڻهو اسان وٽ ناهن تيستائين بلڊنگون ۽ مشينري جي هجڻ سان ڪو به فائدو نه ٿو ٿي سگهي.

**ادارو: دماغ جي بيمارين ڏانهن اسان جي عام ماڻهن جو جيڪو رويو آهي مثال طور: جيڪڏهن اسان جي ٻار کي ظاهر طور تي ڪو زخم لڳي وڃي يا ڪنگهه ٿي پوي ته اسين يڪدم ڊاڪٽر ڏانهن ويندا آهيون پر جيڪڏهن اسان جي ڪنهن گهر ڀاتي جو رويو يا سڀاءُ تبديل ٿيندو آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن تشدد جي حد تائين وڃي ويندو آهي اُن کي اسين بيماري به تصور ڪونه ڪندا آهيون. اوهان عام ماڻهو جي اِن رويي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟**

- اُن جو هڪ وڏو سبب اِهو آهي ته اسان وٽ ماڻهن ۾ تعليم تمام گهٽ آهي ۽ لٽريسي ريٽ انتهائي ڪريل آهي. منهنجي خيال ۾ اِها ڪهاڻي رُڳو اڄ جي ڪونهي هر دور ۾ ائين ئي رهيو آهي اوهان جيڪڏهن ارسطو جي دور کي ڏسندؤ ته اُن وقت ماڻهن جو عام خيال اِهو هوندو هو ته دماغ رُڳو هڪڙي ريڊيئيٽر جو ڪم ڪري ٿو ۽ اِهو دماغ رُڳو ماڻهوءَ کي ٿڌي ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو اِن ڪري اُن زماني ۾ به اِهو ئي خيال هو ته دماغ رُڳو رت کي ٿڌي ڪرڻ جي مشين آهي. اسان جيتوڻيڪ ارسطو واري دؤر ۾ ڪو نه آهيون. پر اسان وٽ جيڪڏهن دماغ جون ڪي علامتون ظاهر ٿين ٿيون مثال طور ڪنهن جو رويو تبديل ٿيو ڪنهن کي مرگهي ٿي يا ڪنهن کي ڏڪڻي ٿي ته سڀ کان پهرين اسين اِهو سوچيندا آهيون ته هن تي ڪنهن جن ڀوت قبضو ڪيو آهي يا وري ڪنهن جي بددعا لڳي اٿس. اُن کان پوءِ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڌاڳا ٽيڻا ڪيا ويندا آهن ايتري قدر جو جن به ڪڍايا ويندا آهن ۽ ساز سرور به ٿيندا آهن ۽ اسان جي لوڪل ثقافت ۾ جيڪي به حرفتون ٿي سگهن ٿيون اُهي سڀ آزمايون وينديون آهن ۽ نيٺ جڏهن ڪو پڙهيو لکيو ماڻهو اِن کي ڏسندو آهي ته اُهو چوندو آهي ته هِن کي اصل ۾ ڪا دماغ جي بيماري آهي اِن ڪري ڪنهن دماغ جي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ۽ پوءِ اُن ڊاڪٽر ڏانهن اُن مريض کي آندو ويندو آهي ۽ اُن وقت اُن مريض جي حالت ايتري خراب ٿي چُڪي هوندي آهي جو سندس مرض سندس آخري مرحلي ۾ هوندو آهي. اُن لاءِ ماڻهن ۾ آگاهي جي سخت ضرورت آهي.

**ادارو: دماغ جي ڪهڙي به بيماري هجي اڪثر ڪري ماڻهو آپريشن ڪرائڻ کان ڪيٻائيندا آهن اِن لاءِ حڪومت طرفان يا اسان جي طرفان ڪيتري آگاهي ڏني وئي آهي؟**

- اڄ ڪلهه ڪافي ماڻهن ۾ اِن بابت ڄاڻ ۽ آگاهي موجود آهي اڳي ماڻهن کي خبر ڪونه هوندي هئي پر هاڻي ماڻهو پاڻ اچي ڊاڪٽر کي ڳولي لهندا آهن مثال طور جيڪڏهن دماغ جو مسئلو آهي ته هو دماغ جي ئي ڊاڪٽر کي ڏيکاريندا آهن. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن آپريشن واري حوالي سان ماڻهن جو اعتماد بحال ٿئي ٿو ته هُو آپريشن ڪرائين ٿا اِن ڏس ۾ منهنجي خيال ۾ اسان ڊاڪٽرن جون به ڪوڙ ساريون ڪوتاهيون هونديون آهن ڇو ته اسان کي گهُرجي ته ماڻهن جي صحيح نموني سان ڪائونسلنگ يا مشاورت ڪيون يا وري اُنهن کي اِهو سمجهايون ته دماغ جي اِن آپريشن سان ڪيترو فائدو ۽ ڪيترو نقصان آهي. پر جيڪڏهن مشاورت کان سواءِ ڪنهن کي چئجي ته تنهنجو آپريشن ڪبو ته ڪوڙ سارا ماڻهو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

**ادارو: هن وقت سڄي دنيا ۾ مشاورت تي ڪم هلي رهيو آهي اُن ۾ دماغ يا دل جي ڪنهن وڏي آپريشن کان وٺندي نارمل ڊيليوري تائين اِن مشاورت کان ڪم ورتو ويندو آهي جيئن مريض ذهني طور تي پنهنجو پاڻ کي اِن سڄي مرحلي لاءِ تيار ڪري سگهي. ڇا اسان وٽ اهڙي قسم جو ڪو سرشتو موجود آهي؟**

- منهنجي خيال ۾ مشاورت اُهو عمل آهي جيڪو علاج ڪندڙ ڊاڪٽر ۽ مريض جي وچ ۾ اعتماد بحال ڪري ٿو ڇو ته هر مريض وٽ اِهو سوال هوندو آهي ته جيئن ته آءٌ ڪو آپريشن ڪرائي رهيو آهيان يا ڪنهن علاج هيٺ وڃي رهيو آهيان ته مون کي اُن مان ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا يا وري ڪهڙا نقصان ٿيندا. ٻاهرين دنيا ۾ چو ته ماڻهو پڙهيا لکيا آهن اُن ڪري جڏهن ڊاڪٽر کين ٻڌائيندو آهي ته توکي برين ٽيومر يا اهڙي ڪا ٻي بيماري آهي ته اُهو مريض يڪدم نيٽ تي وڃي اُن بابت پڙهي وٺندو آهي جنهن ۾ هُو پاڻ ئي ڏسي وٺندو آهي ته اُن ۾ بچڻ جا امڪان ڪيترا هوندا آهن ۽ نقصان جا خدشا ڪيترا آهن. هن وقت اسان وٽ به اِهو رجحان وڌي رهيو آهي ڇو ته انٽرنيٽ تي اسان جا ڪيترائي نوجوان اهڙي قسم جي ڄاڻ حاصل ڪري وٺن ٿا. مثال طور مون وٽ جڏهن ڪو اسٽروڪ جو مريض ايندو آهي ته آءٌ کين ٻڌائيندو آهيان ته هن کي برين هيمريج ٿيو آهي جنهن ۾ آءٌ اهو به ٻڌائيندو آهيان ته اِن جي علاج ۾ 60 سيڪڙو موت جا امڪان آهن. اِن مرض ۾ 10 منجهان 6 ماڻهو هونئن به مري ويندا آهن جيڪڏهن اوهان اِن جو آپريشن نه به ڪرايو تڏهن به اهڙا مريض مري ويندا آهن. اِهي سڄي دنيا اندر موجود مستند انگ اکر آهن. اُن ڪري اهڙن مريضن جي مائٽن کي اِهو ٻڌائڻ ضروري هوندو آهي. باقي اِن سلسلي ۾ وڌيڪ وضاحت سان ٻڌائڻ ضروري نه هوندو آهي ته اسين آپريشن دوران سندس چمڙي ڪيئن لاهينداسين، ڪيئن

ويندو آهي جيڪو ڊينگي مڇر جي واڌ ويجهه جو سبب بڻجندو آهي. اِها ڳالهه تمام گهڻ ماڻهن جي ڌيان ۾ هوندي آهي تہ گهرن اندر ايئرڪنڊيشن منجهان نڪرندڙ پاڻي تي پڻ اِهو مڇر پنهنجو نسل وڌائيندو آهي اُن ڪري ائيرڪنڊيشن مان نڪرندڙ پاڻيءَ کي وقت بہ وقت هاريندو رهجي ۽ ان کي گڏ ٿيڻ نہ ڏجي.

## ڊينگي بخار جون نشانيون:

ڊينگي بخار جو اثر هڪ هفتي کان ٻن هفتن تائين رهي ٿو. شروعات ۾ تيز بخار، مٿي ۾ سور ۽ جسم تي ڳاڙهاڻ ظاهر ٿئي ٿي، اُن سان گڏوگڏ سڄي جسم ۾ سور، مهارن مان رت اچڻ، اکين ۾ شديد سور ۽ هٿ ۽ پيرن جون ترين ڳاڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ ساهہ ۾ ہوسٽ پڻ ٿي سگهي ٿي.

گڏوگڏ غدودن جي سوڄ، بيماري جي واڌ ۾ جسم مان رت جو اخراج، رت ڄمائڻ وارن جزن جي گهٽتائي ۽ رت جي رطوبت گهٽ ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ رت جو دٻاءُ بلڪل گهٽ ٿي وڃي ٿو. ڊينگي بخار ڪنهن کي بہ ٿي سگهي ٿو پر اڪثر ڪري گهٽ قوت مدافعت وارن ماڻهن تي جلدي اثر ڪندو آهي.




هن وائرس جا چار قسم هن وقت تائين ملي سگهيا آهن جن کي DEN 1, 2, 3, 4 جو نالو ڏنو ويو آهي.

## ڊينگي بخار جو علاج:

اِها اسان جي بدقسمتي آهي جو اڄ تائين ڊينگي بخار لاءِ ڪا بہ ويڪسين ٺهي نہ سگهي آهي صرف علامتي علاج ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ سور، بخار يا رت جي جزن ذريعي مريض کي ٺيڪ ڪئي سگهجي ٿي. زياده پاڻياٺ جو استعمال، آرام ۽ ٻيهر مڇر جي حملي کان بچاءُ. بحالي: مخصوص ڊينگي ۾ فوتگي جو تناسب گهٽ آهي باقي هفتو پندرهن ڏينهن بخار ۽ جسم ۾ سُور رهندو ۽ ڪمزوري ۽ ساٿائي ڪجهہ هفتا هلي سگهي ٿي.

اُن ڪري احتياط ئي اِن موذي مرض جو وڏي ۾ وڏو علاج آهي. ڊينگي بخار لاءِ اسان وٽ جيڪي تصور جڙيل آهن اُنهن جي ڪري بہ اسان وٽ ڊينگي سبب وڏيڪ نقصان ٿيو آهي، ڇو تہ احتياط ۽ بروقت علاج جي ڪري اِن مرض تي آساني سان قابو پائي سگهجي ٿو. ياد رکڻ گهرجي تہ ڊينگي مڇر جي ڪري پيدا ٿيندڙ هي بيماري ايتري خوفناڪ ڪونہ آهي جيترو اِن بيماريءَ بابت ٻڌايو وڃي ٿو. اِن ڏس ۾ حڪومت ۽ صحت سان لاڳاپيل ادارن کي گهرجي تہ ڊينگي بخار کان بچاءُ لاءِ ماڻهن ۾ آگاهي پيدا ڪن جيئن ماڻهن منجهان اِن جو خوف ختم ٿئي ۽ هُو ڊپڻ بجاءِ صحيح طريقي سان پنهنجو علاج ڪرائين.

## جيڪڏهن ڪنهن کي ڊينگي بخار ظاهر ٿي پئي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟:

جيڪڏهن خدا نہ ڪري اوهان جي گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ ۾ ڊينگي بخار ظاهر ٿي پئي تہ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

- يڪدم ڪنهن سُٺي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي.
- ڊاڪٽر جي هدايت مطابق سي بي سي ٽيسٽ ڪرائجي جيئن خبر پئجي سگهي تہ مريض جي رت ۾ پليٽيليٽس يا رت جي اڇن جُزن جو انگ ڪيترو گهٽ آهي.
- مريض کي صوف جي رس يا مُربي ۾ هڪ چمچو ليمي جو ملائي پيارڻ گهُرجي يا.
- مريض کي هر ڪلاڪ کان پوءِ ٻڪريءَ جو کير پيارڻ گهرجي.

ائين ڪرڻ سان مريض جي جسم اندر رت جا اڇا جُزا يعني پليٽيليس وڌي ويندا ۽ آهستي آهستي سندس صحت بحال ٿيڻ لڳندي

## بچاءُ جا طريقا:

- مرض ۾ مبتلا ماڻهو کي وڌيڪ مڇر جي حملي کان بچائجي تہ ڦهلجڻ کي روڪي سگهجي. بيماري دوران مريض کي مڇر داني ۾ رکيو وڃي.
- هن بيماري کان بچڻ لاءِ مڇر جي واڌ ويجهہ کي روڪيو وڃي. هي مڇر گندي پاڻي نہ بلڪ صاف بيٺل پاڻي ۾ افزائش حاصل ڪري ٿو.
- غسل خاني، رڌڻي ۾ صاف پاڻي کليل نہ رکجي ٻوٽن جي ڪونڊين گلدستن ۽ باغيچن ۾ پاڻي بيهڻ نہ ڏجي ڪپڙا اهڙا پائجن جن سان سڄو جسم ڍڪجي وڃي سج نڪرڻ وقت ۽ لهڻ وقت احتياط ڪجي.
- جسم تي مڇر کي هٽائڻ وارو لوشن يا ڪريم لڳائجي.
- هي مڇر ٿڌي جڳهہ تي رهي ٿو بسترن جي هيٺيان پردن جي پويان ۽ غسل خانہ وغيره. در درين کي ڄاريون لڳائجن، مڇر داني استعمال ڪجي، ڪمرن ۾ مڇر مار دوا. گلوب ۽ ميٽ استعمال ڪري هن مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

❋❋❋



# گهر ۽ نفسيات

علي اظهار



گهر (گهہ + ر) بظاهر ٻن اکرن جو مرڪب آهي پر جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ هڪڙي پوري ڪائنات هنن ٻن اکرن جي اِن مجموعي ۾ رهي ٿي. اسين شهرن يا ملڪن جي جنهن جهڳٽي کي سماج چئون ٿا گهر اُن سماج جو هڪڙو اهم ايڪو هوندو آهي. جنهن کانسواءِ ڪو بہ سماج جُڙي نہ سگهندو آهي. ساڳي ريت اسين ماڻهن جي جنهن جهڳٽي کي سماج چئون ٿا اُن جو ايڪو هڪڙو فرد آهي جيڪو اِنهن ئي گهرن منجهان ڪنهن هڪڙي گهر ۾ ضرور رهي ٿو. اُهو ماڻهو جيڪو سڄي سماج جو هڪڙو ايڪو آهي اُهو اسان مان ڪير بہ ٿي سگهي ٿو مان ٿي سگهان ٿو ۽ اوهان بہ ٿي سگهو ٿا. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ اِهي سماج يا ملڪ جيڪي ترقي جي مٿاهين ڏاڪي تي بيٺل آهن جتي قانون ۽ روايتن جو تقدس برقرار آهي اُهو سڄو جو سڄو سرشتو هڪ ماڻهوءَ کان ئي شروع ٿئي ٿو. قومن ۽ ملڪن جي اِن ترقيءَ ۾ گڏيل نفسيات جو هڪ وڏو حصو آهي جنهن کي اسين "Collective Social Psychology" بہ چئي سگهون ٿا. چو تہ جيڪڏهن اسان جي گهرن جي فردن جي نفسيات مثبت ۽ تعميري هوندي تہ يقينن اسان جو سماج پڻ مثبت ۽ تعمير ۽ ترقي واري ڏس تي هوندو.

اڄ اسين جنهن دؤر مان گذري رهيا آهيون اُن دؤر ۾ هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ٽينشن کي پاڻ سان گڏ کنيون گهمي ٿو جڏهن تہ هر ٻيو ماڻهو ڊپريشن جو پڻ شڪار آهي. ياد رهي تہ دماغي ۽ اعصابي بيمارين جي شروعاتي الف ب اِهو ٽينشن ۽ ڊپريشن آهي جيڪو اڳتي هلي هيلوسينيشن، شيزوفرينيا ۽ شخصيت جي بگاڙ جو سبب بڻجي ٿو. اِتي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر اِها ٽينشن ۽ ڊپريشن واري ڪيفيت ايتري پائيدار ۽ مستقل ڇو آهي؟ مردن ۾ هر ماڻهو جيڪو نوڪري ڪري ٿو يا پنهنجو ڌنڌو ڌاڙي ڪري ٿو اُهو اڌ کان وڌيڪ ڏينهن پنهنجي ڪم واري جاءِ تي گذاري ٿو جڏهن تہ ڏينهن جو باقي حصو پنهنجي گهر ۾ هوندو آهي. هجڻ تہ ائين کپي جو ٻاهريان ڪاروباري ۽ آفيس جا مسئلا وري سياڻي تي رکي گهر ۾ پنهنجن گهر ڀاتين سان پنهنجي زندگي گذارڻ گهرجي پر اسان وٽ اڪثر اهڙا ماڻهو ٻاهريون خارون ۽ ڪاوڙون جيڪي ٻاهرين گراهڪن ۽ وڏن صاحبن يا آفيسرن تي نہ ٽيون لاهي سگهجن اُهي پنهنجن گهر ڀاتين تي لاهيندا آهن. ٻئي پاسي عورتون جيڪي هن مرداڻي سماج ۾ قابل رحم مخلوق هونديون آهن اُهي اُنهن ماڻهن جا رويا جيڪي رشتي ۾ سندن مڙس، پيءُ يا ڀاءُ بہ ٿي سگهن ٿا تقدير جو لکيو سمجهي لوڙيندڙيون رهنديون آهن.

## مختلف ڪردارن واري سماجي اداڪاري:

هر ماڻهو پنهنجي سڄي زندگي مختلف ڪردار ادا ڪندي گذاري ٿو ۽ اِهو قطعي طور تي ممڪن نہ آهي تہ ڪو بہ ماڻهو 24 ئي ڪلاڪ يا سڄي عمر هڪڙي ئي Costume يا ساڳئي ئي Props ۾ رهي ساڳيو ڪردار ادا ڪندو رهي. مثال طور: هر مرد ڪم واري جاءِ تي هڪ ئي وقت ۾ ماتحت بہ هوندو آهي تہ صاحب بہ هوندو آهي پر جڏهن گهر ويندو آهي تہ ماتحتي ۽ صاحبي وارا ڪردار ختم ڪري مڙس، پٽ، ڀاءُ ۽ پيءُ جا ڪردار ادا ڪندو آهي، جڏهن تہ وري شام جو هو جڏهن پنهنجي دوستن ۾ ويهندو آهي تہ اُتي نہ ماتحت هوندو آهي، نہ صاحب هوندو آهي نہ مڙس هوندو آهي نہ پيءُ هوندو آهي نہ پٽ هوندو آهي ۽ نہ وري ڀاءُ هوندو آهي. اُتي رڳو ڪيس دوست جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آهي. مختلف ڪردارن واري هيءَ سماجي اداڪاري جتي هڪڙي صحتمند ۽ خوشحال گهر لاءِ ضروري آهي اُتي هڪڙي خوبصورت پُرامن ۽ مثبت سماج لاءِ پڻ ضروري سمجهي ويندي آهي. اسان منجهان ڪوڙ سارا ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي آفيس ۾ وڏا صاحب هوندا تہ پنهنجي زال، پٽ ۽ ماءُ لاءِ بہ وڏا صاحب ئي هوندا آهن. اهڙي قسم جو رويو اڳتي هلي جيڪو بگاڙ پيدا ڪري ٿو اُن بگاڙ جي نتيجي ۾ اسان جون نفسياتي اسپتالون ڀرجي وينديون آهن. جنهن ۾ نہ رڳو متاثر ڪندڙ ڪردار موجود هوندو آهي پر اُن ڪردار جي غير فطري رويي جي ڪري اِرد گرد جا ماڻهو پڻ زير علاج هوندا آهن.

## گهرن اندر نفسياتي بگاڙ جا سبب:

جيئن اسين مٿي چئي آهيون تہ ٻن اکرن واري لفظ "گهر" اندر جيئرا جاڳندا ساهہ کڻندڙ ۽ سوچيندڙ ماڻهو رهندا آهن. اهڙي ماحول

۾ عورت کي ڇاٽي ڳجهي پنيان رکيو ويندو آهي. شهرن ۾ جيتوڻيڪ هاڻي اهڙا رويا بدلجندڙ معاشي پسمنظر ۾ تبديل ٿي رهيا آهن پر اڄ به اسان جي ڳوٺن ۾ ڪئين اهڙيون عورتون موجود آهن جيڪي اسلامي جمهوري ملڪ ۾ به ڪنهن ستيءَ جيان گذارين ٿيون. اهڙين حالتن ۾ عورتن جي ٻين بيمارين جو جيڪڏهن ڪو علاج ڪرائجي به پر اُنهن جي نفسياتي مونجهارن ۽ مسئلن کي سؤ سيڪڙو نظر انداز ڪيو ويندو آهي ۽ اِها عورت پنهنجي طبعي موت کان اڳ ۾ ئي روين جي ڦاهي تي چڙهي سڏڪي سڏڪي مري ويندي آهي يا وري ذهني غير صحتمند زندگي گذارڻ تي مجبور هوندي آهن.

**گهرن اندر رهندڙ عورتن جا نفسياتي مسئلا:**

اسان منجهان اڪثر مرد پنهنجي مرداڻي سماج جو فائدو وٺندي اخلاقي ۽ سماجي حوالي سان ڪريل حرڪتن ڪرڻ باوجود به اعليٰ اُتم ۽ فضيلت ڀريا سمجهيا وڃن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته خدا جي ٺاهيل مخلوق جي حيثيت سان جتي مرد کي جسماني ذهني ۽ نفسياتي ڇانورا گهرجن ٿا ساڳي ريت عورت به خدا جي پيدا ڪيل مخلوق ئي آهي جيڪا پڻ انسان جي زمري ۾ اچي ٿي. اڪثر اِهو ڏٺو ويو آهي/ ته مرد پنهنجي زالن کان علاوه ٻين ڪيترين ئي ڌارين عورتن سان واسطا رکن ٿا. جيڪي جسماني ۽ ذهني ٻئي هوندا آهن اهڙا مرد اڪثر ڪري بي خيالي وچان يا ڄاڻي ٻجهي پنهنجي زالن اڳيان به ڌارين عورتن سان ڳالهائيندا ۽ موبائل تي ايس ايم ايس ڪندا رهندا آهن. اِها ڳالهه هڪ مرد هجڻ جي ناتي جيڪي مرداڻي سماج جو حصو هوندا آهن اُنهن لاءِ ته عام هوندي آهي پر اُنهن کي اندازو به نه هوندو آهي ته سندن زالون جيڪي سيني جذباتي ۽ جنسي حوالن سان ساڻن ڳنڍيل هونديون آهن اُهي ڪهڙين ذهني ۽ نفسياتي پيچيدگين مان گذرنديون آهن ۽ مٿان وري ظلم اهو هوندو آهي جو سندن جذباتي احتجاج جي جواب ۾ مردن پاران ڪين تشدد جو نشانو پڻ بڻايو ويندو آهي، پر جيڪڏهن جسماني تشدد ڪٿي ڪٿي نه به ٿئي تڏهن به جيڪي ذهني ۽ اعصابي بيماريون اهڙن گهرن ۾ پلجنديون آهن اُنهن جو شايد اندازو به نه ٿو لڳائي سگهجي. مردن پاران اِن سڄي رويي جو هڪڙو جواز اِهو ملندو آهي ته دنيا گلوبلائيزڊ ٿي چڪي آهي مختلف ڪلچر ۽ تهذيبون هڪ ٻئي ۾ ضم ٿي رهيون آهن ۽ اها معاشرتي آزادي هُنن جو حق آهي پر ساڳي جاءِ تي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن ڪو اهڙو شوقين مرد پنهنجي زال يا ڌيءَ کي ڪنهن اڻ ڄاڻ موبائل نمبر تي ايس ايم ايس ڪندي يا ڳالهائيندي ڏسندو آهي ته اُهو طالبان ڇو ٿي ويندو آهي؟. جيڪڏهن معاشرتي آزادي واقعي ڪا جائز آزادي آهي ته پوءِ اُها عورتن کي ڇو نه ملڻ کپي؟.

**گهرن اندر عورتن مٿان شڪ واري نظر رکڻ وارو رويو:**

اڪثر ڪري اِهو ڏٺو ويو آهي ته انتهائي پڙهيل لکيل گهراڻن ۾ به مردن پاران عورتن مٿان سدائين مشڪوڪ نظر رکي ويندي آهي. اسان جي گهرن جي رشتن جي تقدس کي برقرار رکندڙ هڪ ئي شئي هوندي آهي جنهن جو نالو "اعتماد" آهي. اهو هڪ نفسياتي اصطلاح آهي جنهن جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن به نفسيابي بيماري ٿيڻ جو ڪو به امڪان ڪونه هوندو آهي. جيڪڏهن اوهان ۽ اوهان جي گهر واري ٻئي نوڪري ڪندڙ آهيو ته ڏينهن جو هڪ وڏو حصو اوهين ۽ اوهان جي زال الڳ الڳ مختلف ٻين ماڻهن سان گذاريندا آهيو اِن سڄي صورتحال ۾ اوهان جي ازدواجي ۽ ذهني رشتي ۾ اعتماد ئي اُها ڏوري هوندي آهي جيڪا اوهان ٻنهي کي هڪٻئي سان جوڙي هڪٻئي جي لاءِ وفادار رکندي آهي. اِها ڳالهه اُهي ماڻهو تطعي نه ٿا سمجهي سگهن جيڪي شڪي مزاج هوندا آهن. سندن اِن شڪ جو محرڪ سندن اُهي شوق ۽ عادتون هونديون آهن. جيڪي هُو مرداڻي سماج جو حصو هئڻ جي ڪري رُڳو پنهنجي لاءِ ئي روا سمجهندا آهن. ڀينرن جي معاملي ۾ اڪثر اِهو ڏٺو ويو آهي ته ڀاڻر جيڪي نوجوان هوندا آهن ۽ ٻاهرين دنيا جي مختلف طبقن جي عورتن سان لهه وچڙ ۾ ايندا رهندا آهن اُهي جڏهن پنهنجن گهرن ۾ ايندا آهن ته پنهنجي شڪ واري نظر پنهنجي ڀينرن تي ڄمائي رکندا آهن. نتيجي ۾ اهڙن گهرن اندر ڇوڪرين جو باغي ٿي وڃڻ يا خودڪشيون ڪرڻ يا خودڪشين جون ڪوششون ڪرڻ يا وري نفسياتي بيمارين جي ور چڙهي وڃڻ عام ڳالهه آهي. اسان منجهان جيڪي به ماڻهو شڪ جي اِن ذهني بيماريءَ ۾ مبتلا آهن. اُنهن کي گهرجي ته پنهنجي ذهن کي هڪ صاف ۽ صحتمند سوچ واري رستي تي هلائيندي پنهنجي گهر جي ماحول کي پرسڪون ۽ پُر مسرت رکن. ڇو ته اوهان جي سوچ جا لاڙا اوهان جي گهر ۽ سماج جي ايندڙ مستقبل جي پيشنگوئي ڪندا آهن.

**گهرن اندر وڏي عمر جي پوڙهن ماڻهن سان عام رويو:**

عمر جو قافلو جيئن جيئن اڳتي وڌندو پنهنجي انجام جي ويجهو پهچندو آهي تيئن تيئن ماڻهوءَ جي جسماني ۽ ذهني سگهه متاثر ٿيندي رهندي آهي. هڪ اندازي مطابق 50 سال کان پوءِ اسان جا حواس جنهن ۾ ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇُهڻ، چکڻ ۽ سُنگهڻ جون حسون متاثر ٿيڻ شروع ٿينديون آهن. داغ دهلوي جو هڪ شعر آهي ته:

هوش وحواس تاب وتوا داغ جا چکے
اب ہم بھی جا رہے ہیں سامان تو گیے۔

عمر جي گذرڻ جي ڪري ماڻهوءَ اندر اهڙي بي سرو ساماني جتي جسماني طور تي ڪمزوري پيدا ڪري ٿي اُتي نفسياتي حوالي سان پڻ ڪيتريون ئي پيچيدگيون آڻي ٿي. اسان جي گهرن اندر اڪثر ڪري ملوڪيت وارو سرشتو رائج هوندو آهي يعني جيستائين گهر جو وڏو يعني پيءُ جي هٿ ۾ گهر واري سلطنت جا فيصلا ڪرڻ هوندو آهي اُن وقت تائين گهٽو ڪري هُو پنهنجي گهر

جي ننڍين فردن کان اُنهن فيصلن بابت صلاح مشورا ڪرڻ بہ گوارا ڪونہ ڪندو آهي. اِن جاءِ تي "مان وڏو آهيان" وارو ئي اصطلاح ئي اُن لاءِ سڀ ڪجهہ هوندو آهي. اهڙن گهرن ۾ جڏهن بادشاهيون متبيون آهن تہ پوءِ غير محسوس نموني سان انتقامي ڪارروايون پڻ شروع ٿي وينديون آهن. هر اُهو گهر جنهن ۾ اهڙي قسم جي ملوڪيت وارو نظام هن وقت بہ رائج آهي تہ اسين اهڙين بادشاهين جي شهنشاهن کي اڳواڻ سڏايون ٿا تہ اوهان جو ولي عهد جيڪو توهان کان پوءِ اوهان جي گديءَ تي ويهندو اُهو اوهان سان اهڙو ئي ورتاءُ رکندو جيڪو اوهان پنهنجي بادشاهي واري دور ۾ اُن سان رکيو هوندو آهي. پر ضروري ناهي تہ هر گهر جي ڪهاڻي اِها ئي هجي ڇو تہ اسان وٽ ڪجهہ گهراڻا جديد دور جي اثرن هيٺ پڻ پنهنجي گهر جي وڏڙن کي نظر انداز ڪندا آهن. جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ پيري پاڻ هڪ بيماري آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون اعصابي ۽ جسماني ڪمزوريون شامل هونديون آهن، جن ۾ گهٽ ٻڌڻ، گهٽ ڏسڻ ۽ گهٽ سمجهڻ پڻ شامل هوندو آهي. اِنهيءَ ئي ڪيفيت دوران وڏي عمر جي ماڻهن کي ڪجهہ سُور يا تڪليفون اهڙيون بہ هونديون آهن جن کي Psodo pains يا ڪوڙا سُور پڻ چيو ويندو آهي. اُن کان سواءِ ويسر جي بيماري ڊيمينشيا پڻ پيريءَ جو هڪ حصو هوندي آهي.

اِنهن سڀني حقيقتن جي باوجود اڪثر اِهو ڏٺو ويو آهي تہ گهر جا اُهي فرد جيڪي عمر جي اِن آخري ليڪي تائين اجان نہ پهتا هوندا آهن، اُهي پنهنجي گهر جي وڏڙن کي سندن اِنهن اعصابي ۽ جسماني ڪمزورن سبب نظر انداز ڪرڻ سان گڏوگڏ تذليل آميز رويو پڻ رکندا آهن. جيڪا سراسر نا انصافي آهي. گهر جي اهڙن پيرسن فردن جي نفسيات اهڙن حالتن ۾ هڪ خاص موڙ وٺندي آهي ڇو تہ اِن عمر ۾ هُو ظاهري طور تي تہ وڏا هوندا آهن پر سندن ذهني ڪيفيت ساڳي ٻاراڻي عمر واري هوندي آهي.

**گهرن اندر پوڙهن ماڻهن جا نفسياتي مسئلا:**

جيڪڏهن توهان پنهنجو چيڪ بوڪ يا ٻي ڪا اهڙي ضروري شيءِ پنهنجي پوڙهي پيءُ يا ماءُ کي ڏيو ۽ وري گهرڻ تي اُن کان نہ ليي تہ توهان جو فوري رد عمل ڇا هوندو؟ جيڪڏهن اوهان جي گهر ۾ ڪو پوڙهو ساڳي ڳالهہ ٽي دفعا ٻڌي تہ توهان ڇا ڪندؤ؟ جيڪڏهن اوهان جي گهر جو ڪو بزرگ روزاني معمول کان هٽي ڪري ڪنهن اهڙي شيءِ يا کاڌي جي فرمائش ڪري جيڪا اُن وقت ميسر نہ هجي تہ اوهان جو ڪهڙو رد عمل هوندو؟ اِنهن سڀني سوالن جو جواب پڪ سان هڪ زوردار ڪاوڙ هوندي جنهن ۾ ڪجهہ اهڙا جملہ بہ هوندا جيڪي اڳيان ويٺل بزرگ جي لاءِ اهڙو ئي ڏک ۽ تڪليف ڏيندڙ هوندا جيئن ڪو ننڍو ٻار اوهان سان ڪا اهڙي فرمائش ڪري جيڪا توهان فوري طور تي پوري نہ ڪري سگهو. اڪثر ڪري گهرن اندر وڏي عمر وارن ماڻهن کي پنهنجي گهر ڀاتين سان هيٺيون شڪايتون هونديون آهن.

- منهنجي هن گهر ۾ ڪو ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي.
- مون کي ڪو بہ توجہ نہ ٿو ڏئي.
- فيصلا ڪرڻ وقت مون کان پڇيو نہ ٿو وڃي.
- مون سڀ ڪجهہ اِنهن لاءِ ڪيو آهي پر اڄ هي منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.
- آءٌ سڄو ڏينهن اڪيلو ويٺو هوندو آهيان پر مون سان ڪير بہ ڳالهائڻ وارو ڪونہ آهي.
- ۽ اهڙيون ٻيون ڪئين شڪايتون.

اهڙي سڄي صورتحال ۾ جيڪڏهن وڏي عمر جي اهڙن ماڻهن کي توجہ نہ ڏني وڃي تہ هُو جسماني ضعيفيءَ سان گڏوگڏ ذهني ۽ اعصابي بيمارين جو پڻ شڪار ٿي پوندا آهن. جن جي علاج ۾ شايد اوهان کي اڃان بہ وڌيڪ ڏکيائي محسوس ٿيندي

**گهر جي صحتمند ۽ مثبت اڳواڻ جو هاڪاري ڪردار:**

مٿي اسين ٻڌائي چُڪا آهيون تہ گهر هڪ اهڙي ڪائنات هوندو آهي جنهن ۾ جذبن ۽ روين جو پورو وايو منڊل جُڙيل هوندو آهي، جنهن کي توازن ۾ رکڻ لاءِ اسان ۽ اوهان کي ڏاڍو سوچي سمجهي ۽ انتهائي ڏاهپ سان فيصلا ڪرڻا هوندا آهن ۽ رويا جوڙڻا هوندا آهن. ياد رکڻ گهرجي تہ گهر جي وڏي يا سربراهہ جي حيثيت ۾ جيڪڏهن اسان ۽ اوهان ڪو غلط فيصلو ڪندا آهيون تہ ڪڏهن ڪڏهن اُن جو ڦَل ايندڙ نسل بہ ڀوڳيندا رهندا آهن. جيڪڏهن اوهين پنهنجي گهر جا وڏا يا سربراهہ آهيو يا وري گهر جي فيصلن ۽ انتظامي ڪاميٽي ۾ اوهان جو چڱو خاصو اثر رسوخ آهي تہ مٿي ڏنل سڀني رشتن سان هڪجهڙائي، رواداري ۽ انصاف کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪيو. ڇو تہ ڪوڙ سارا اوهان جي گهر جا ڀاتي اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي اوهان جي ڪيل فيصلي يا روا رکيل رويي تي بظاهر تہ ڪوبہ احتجاج ڪونہ ڪندا آهن پر اوهان جي اِن سُلوڪ جي ڪري اندران ئي اعسابي ۽ نفسياتي بيمارين جو شڪار ٿي پوندا آهن جن جو شايد توهان کي علم بہ نہ هوندو آهي.

هي مضمون اسين هڪ اهڙي اشتهار جي تت سان ختم ڪيون تہ جيڪو شايد آئيني جو ڪم ڏئي جنهن ۾ اوهين پنهنجو پاڻ پنهنجي گهر ڀاتين ۽ پنهنجي مستقبل ڏسي سگهو. تازو ئي ٽيليوزن تي هڪڙو ڪمال جو اشتهار ڏيکاريو ويو هو جنهن ۾ هڪ مرد ۽ عورت پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ ويٺا پنهنجي پٽ جو انتظار ڪري رهيا آهن، اوچتو ڪنهن ايمبولينس جو آواز اچي ٿو جيڪو سندن دروازي تي اچي بيهي رهي ٿو. هو جڏهن پنهنجي بالڪوني مان هيٺ پريشان ٿي نهارين ٿا تہ اِتي بيڪگرائونڊ مان هڪ آواز اچي ٿو اڃان ائين ٿيو ناهي، جيڪڏهن توهان پنهنجي پٽ جي حفاظت ۽ تربيت صحيح نہ ڪندؤ تہ شايد هي لمحو ايندڙ وقت ۾ سچ ثابت ٿئي.

❋❋❋

**قسم چوٿون:** ڪرونڪ اينگل گلائيڪوما

**قسم پنجون:** پيدائشي گلائيڪوما جيڪا ٻار جي اک جي بناوٽ مڪمل نہ ھئڻ ڪري ٿيندي آھي.

**قسم ڇھون:** موروثي گلائيڪوما

**قسم ستون:** سيڪنڊري گلائيڪوما

مٿي ڏنل بيمارين ۾ اُن جا قسم اک جون اُھي عام بيماريون آھن جيڪي عمر سان گڏ ٿين ٿيون ڇو تہ ھر ماڻھو جيڪو 40 کان 50 سالن جي عمر کان ٽپي ٿو اُن کي اِھي بيماريون ٿين ٿيون. خاص طور تي اڇو موتيو جيڪو اک جي بيماري آھي. اُن کانسواءِ اکين جي عام بيمارين جا جيڪي سبب ھوندا آھن اُنھن ۾ مختلف موسمي حالتن واريون بيماريون جهڙوڪ: وائرل انفيڪشنس جن ۾ اک جو اُٿلڻ، اک جو ڳاڙھو ٿيڻ، اک ۾ گدلاڻ جو پيدا ٿيڻ شامل آھن. ھي اُھي بيماريون آھن جيڪي اسان جي روزاني زندگيءَ سان تعلق رکن ٿيون. ڪن ماڻھن ۾ وري اکين جي حساسيت وڌيڪ ھوندي آھي، اُنھن ۾ اکثر ڪري ٻار شامل ھوندا آھن. اهڙن ماڻھن کي گهٽي گرميءَ واري موسم ۾ اکين جي تڪليف ٿيندي آھي. جيتوڻيڪ اهڙين بيمارين جون دوائون ۽ علاج موجود آھن پر اُھي عام ماڻھن جي پهنچ کان مھانگا آھن. اِن ڏس ۾ ھڪ ڳالھ انتھائي اھم آھي تہ جڏھن بہ ڪنھن کي اک جي ڪا تڪليف يا بيماري ٿئي يا وري اک جي پتليءَ تي ڪو نشان يا ڏڪ وغيره لڳي تہ ڪڏھن بہ پنھنجي مرضيءَ سان دوا استعمال نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنھن لاڳاپيل اکين جي ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ جيڪڏھن سڄي اک پنھنجي بيھڪ ۾ ثابت رھي ۽ رڳو اک جي پتلي خراب ٿي وڃي تہ اوھان جي اک جو سڄو ڪم ختم ٿي ويندو آھي ۽ اوھين اکين سان ڏسي سگهڻ واري نعمت کان محروم ٿي ويندا آھيو ۽ پوءِ اوھان کي ڪارنيا ٽرانسپلانٽيشن واري مرحلي ۾ داخل ٿيڻو پوندو آھي.

جڏھن بہ عام اکين کي ڪا بيماري ٿيندي آھي تہ اُنھن جو دوا کانسواءِ بہ علاج ممڪن آھي. پر جيڪڏھن اک جي پتليءَ سان ڪو مسئلو آھي تہ اُھو ضرور ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي. اِن ڏس ۾ وائرل بيمارين جو 7 کان 10 ڏينھن جو ڪورس ھوندو آھي. پر جيڪڏھن موسمي اثر آھي تہ اکين کي صاف سٿرو رکي اُنھن جي نقصان کان بچي سگهجي ٿو. اک جي ڳاڙھي ٿيڻ جو ھڪڙو وڏو سبب اِھو ھوندو آھي تہ اک نڪ سان گڏ ھوندي آھي ۽ گڏوگڏ گلي سان بہ اُن جو تعلق ھوندو آھي ۽ جڏھن بہ اسان کي وائرل زڪام ٿيندو آھي تہ ممڪن آھي اُن سبب جي ڪري بہ اک ڳاڙھي ٿي پوي اُن جي لاءِ گهڻو پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪونھي ۽ علاج طور رڳو اک جي صفائي رکڻ گهرجي. پاڪستان اندر ھن وقت اکين جي بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف ادارن جون تمام گهڻيون خدمتون آھن اُن ڪري موتيي جي بيماري جيڪا تمام گهڻي عام آھي اُھا سئو سيڪڙو علاج لائق آھي.اِن ڏس ۾ LRBT ۾ اهڙي قسم جا آپريشن مفت ۾ ڪيا وڃن ٿا. اُن کانسواءِ سرڪاري ادارن سان گڏوگڏ ٻيا ادارا پڻ آھن جن ۾ اهڙا علاج ڪيا وڃن ٿا پر اُتي مريض جا ڪجھ پيسا ضرور خرچ ٿيندا آھن. پر جيڪڏھن پاڪستان اندر اکين جي بيمارين جو تناسب ڪنھن ٻئي ملڪ سان ڪبو تہ اُن لاءِ اول اِھو ڏسڻ ضروري آھي تہ اُن ملڪ جون موسمي حالتون ڪھڙيون آھن. ھن وقت تائين مان آفريڪا ۽ يمن جي ڪوڙ سارن شھرن ۾ اکين جا مختلف آپريشن ڪري چڪو آھيان جن ۾ فيڪو ٽيڪنالاجي پڻ شامل آھي. سڄي دنيا اندر ڪاري نسل جا ماڻھو پوءِ پلي اُھي آفريڪا جا ماڻھو ھجن يا انگلينڊ جا اُنھن ۾ ڪاري پاڻي جي بيماري عام جام ملي ٿي. اُن جو وڏو سبب اِھو آھي تہ اهڙن ڪارن (شيدين) اندر قدرتي طور تي اِن بيماريءَ لاءِ وڌيڪ سازگار حالتون موجود ھونديون آھن. اُن کانسواءِ اک جون ڪوڙ ساريون اهڙيون بيماريون آھن جن جو تعلق غربت سان ھوندو آھي جن جو تناسب منھنجي سروي مطابق آفريڪا ۽ يمن وڌيڪ آھي. اهڙين بيمارين لاءِ ضروري آھي پنھنجي اک جي انتھائي سار سنڀال رکجي. جيڪي ماڻھو صحتمند آھن ۽ اُنھن کي اڃان اک جي ڪا بہ بيماري ڪونہ ٿي آھي اُنھن کي گهرجي تہ پنھنجي اک جي حفاظت لاءِ صبح جو سوير اُٿڻ کانپوءِ اکين تي زور سان پاڻيءَ جا ڇنڊا ھڻي جيئن اکين جي ڇرپر بحال ٿئي اُن سان گڏوگڏ اکين کي ھيٺ مٿي ۽ کاٻي ساڄي حرڪت ڏيڻ سان پڻ اکين جي ڪارڪردگي بھتر ٿيندي آھي. اکين جي اِھا ورزش ڪرڻ سان اُھي ماڻھو جن جو ڪم ڪمپيوٽر سان گهڻو آھي اُنھن کي ڪوڙ سارو فائدو ٿيندو. جيڪڏھن اوھان سمجهو تہ اکين ۾ ڪو پگهر يا دونھون وغيره پيو آھي تہ يڪدم صاف پاڻيءَ سان ڌوئڻ گهرجي يا جيڪڏھن اکين کي صاف ڪرڻ ضروري آھي تہ ڪنھن ٽشو پيپر يا صاف ڪپڙي سان اُگهڻ گهرجي. ڇو تہ ڪڏھن ڪڏھن اسين اکين کي پنھنجي ھٿن يا قميص سان صاف ڪري ڇڏيندا آھيون ائين ڪرڻ سان اکين ۾ انفيڪشن ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ ھوندا آھن. جيڪي ماڻھو آفيسن ۾ ڪمپيوٽرن تي گهڻو ڪم ڪن ٿا يا وري اُھي ٻار جيڪي گهرن ۾ ڪمپيوٽر واريون رانديون کيڏن ٿا اُنھن کي گهرجي تہ ڪمپيوٽر جي مانيٽر يا اسڪرين کي پنھنجي اک کان ٽي يا چار انچ ھيٺ رکن. اِن ڏس ۾ اِھا ڳالھ تمام اھم آھي تہ ڪمپيوٽر تي ڪم ڪرڻ دوران وقت بوقت اکيون ڇنڀڻ گهرجن ڇو تہ اڪثر نيٽ تي ويھي ڪا راند کيڏندي يا وري ڪنھن شيءِ کي ڳوليندي اسين اِھو وساري ويھندا آھيون تہ اسين اکيون ڪونہ ڇنڀي رھيا آھيون. اهڙي صورتحال ۾ ھر اڌ ڪلاڪ کانپوءِ پنج يا ڏھ سيڪنڊ اکيون بند ڪجن يا وري ڪمپيوٽر جي اسڪرين تان ڪجھ گهڙيءَ لاءِ اکيون ھٽائي ڇڏجن تہ جيئن اکين کي ساھي ملي. اِن ڏس ۾ ائين پڻ ڪري سگهجي ٿو تہ جيڪڏھين اوھين محسوس ڪيو تہ اوھان جي اک ٿڪجي پئي آھي تہ ڪجھ دير لاءِ اک کي بند پڻ ڪري سگهجي ٿو. اُن کانسواءِ انٽرنيٽ تي اک سان لاڳاپيل سڄي ڄاڻ CVS يعني Computer vision syndrome جي نالي سان موجود آھي. اُھا پڻ پڙھڻ سان ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندڙ ماڻھو پنھنجي اک جي وڌيڪ بھتر نموني سان حفاظت ڪري سگهندا.

***

ڳالهہ تي سوچيو ٿي ڪونہ هو.

هِن سڄي واقعي مان ڪجهہ هيٺيان سوال جنم وٺن ٿا تہ: "نوجوانن ۾ خودڪشيءَ جي لاڙي جا ڪهڙا ڪهڙا اهم سبب ٿي سگهن ٿا.؟ خودڪشي ڪندڙ نوجوانن جي علاج جا ڪهڙا ابتدائي مقصد ٿي سگهن ٿا؟. اهڙي نوجوان جي علاج جو بهترين طريقو ڇا آهي؟"

## نوجوانن ۾ خودڪشيءَ جو رويو يا لاڙو:

خودڪشي ڪي پوري توانائي سان پاڻ کي نقصان پهچائڻ جي هڪ اظهاري يا ڄاڻي واڻي ڪوشش چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ انسان موت جي خواهش ڪري ٿو. 2005ع ۾ نوجوانن جي خودڪشي جي لاڙن جي قومي سروي/ جائزي مان خبر پئي تہ گذريل ٻارهن مهينن ۾ 8.5سيڪڙو هاءِ اسڪول جي شاگردن خودڪشي جي ڪوشش ڪئي هئي، جن مان 2.3سيڪڙو شاگردن جي لاءِ طبي علاج ضروري هو. اُن جائزي اها پڻ خبر پئي تہ گذريل ٻارهن مهينن دوران هاءِ اسڪول جي 1سيڪڙو نوجوانن کي خودڪشي جو خيال تمام گهڻا دفعا آيو هو. خودڪشيءَ جو خيال راصل ڪيترائي پيرا اچي ٿو. انهن جو دارومدار ٻار تي خودڪشيءَ ڏانهن مائل ڪندڙ محرڪن جهڙوڪ: شراب جي استعمال ۽ ويڙهہ ياجهيڙي واري عمل ۾ ملوث هجڻ تي آهي. 15 کان 19 سالن جي ٻارن ۾ خودڪشي اڪثر ڪري موت جو سبب بڻجي ٿي. (جنهن ۾ غير ارادي طور تي پاڻ کي نقصان پهچائڻ ۽ قتل شامل آهن) جڏهن تہ نوجوانن ۾ اهو لاڙو گهٽ آهي. ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪريون خودڪشي طرف وڌيڪ رجحان رکن ٿيون، پر ڇوڪرن جي موت واقع ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ هجن ٿا. 2004ع ۾ آمريڪا اندر 15 کان 19 سالن جي 17,000 نوجوانن (1,345 ڇوڪرا) جو خودڪشيءَ جي ڪري موت واقع ٿيو. ان جو سيڪڙو 8.20 چئي سگهجي ٿو.

هڪ دفعو خودڪشي جي ڪوشش، ان عمل جي بار بار ورجاءَ موت جي خطري کي وڌائي ڇڏي ٿي. خودڪشي ڏانهن مائل ٿيڻ جو هڪ ٻيو وڏو سبب سخت نفسياتي بيماري بہ آهي. اڪثر خودڪشيءَ جي سوچ رکندڙ يا خود سوزيءَ ڏانهن مائل ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن نفسياتي خلل دوران گهڻو ڪري مايوسيءَ جو شڪار هجن ٿا. خودڪشي ڪرڻ وارن جي عمل جي جاچ مان خبر پئي تہ اهي انسان ناڪامي، مايوسي يا دٻاءَ واري حالت ۾ رد عمل ڏيکاريندڙ هوندا آهن ۽ ان رد عمل واري ڪيفيت کي نشو ۽ شراب اڃان بہ وڌائي ڇڏي ٿو. ڪنهن نفسياتي بيماري هجڻ، ڪاڏي ڀيٽي ۾ بي قائدگيون، اخلاقي بگاڙ ۽ ذهني مونجهارا پڻ خودڪشي واري امڪان کي وڌائڻ جو سبب بڻجن ٿا. ان سان گڏوگڏ ٻيا بہ ڪيترائي سبب دريافت ڪيا ويا آهن، جيڪي خودڪشي کان بچاءَ جو ذريعو ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ: خاندان اندر پاڻ ۾ ٻڌي، ٻار ۽ ماءُ پيءُ (والدين) جو خوشگوار تعلق، پنهنجن ساٿين سان جڙيل رهڻ، دوستي وارو رشتو خانداني، معاشرتي ۽ مذهبي قدرن سان موافقت ۽ هم آهنگي وغيره.

جيتوڻيڪ مختلف حالتن ۾ خودڪشي جي خطري ۾ هڪ چڱو خاصو شمارياتي تعلق نظر اچي ٿو پر جيڪڏهن هڪ سبب کي انفرادي طور جانچيو وڃي تہ شايد اهو خطرو تمام گهٽ نظر ايندو. ان خطري جا سبب هڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿا. جيتوڻيڪ انهن مان ڪجهہ سببن جي موجودگي پڻ ان خطري کي وڌائي ٿي. ايئن ڪٿي چئجي تہ خودڪشيءَ جي رجحان يا رويي جي طبي طور اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي پر پوءِ بہ انهن جي سڃاڻپ ممڪن ٿي وڃي ٿي. جيڪا احتياطي تدبيرون وٺڻ ۽ اهڙي مريض جي ذهني علاج ۾ مددگار ٿئي ٿي.

اِن ڏس ۾ نوجوانن ۾ خودڪشي جي خطري جو اڀياس، ان مسئلي جي مڪمل جانچ، جائزو ۽ خودڪشي جي ماضيءَ جي لاڙي جو ڳوڙهو اڀياس خطرا ۽ انهن کان بچاءَ جي تدبيرن کي سمجهڻ انتهائي اهم آهي. خودڪشي جي لاڳيتي سوچ کان وٺي اڪثر موت جي خواهش ۾ تبديل ٿيڻ ۽ ڪن ڪيسن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پر مختصر وقت لاءِ اهڙو خيال اچڻ، غير ارادي ۽ اوچتو اهڙو خيال پيدا ٿيڻ يا پاڻ تي بهتر ضابطو هجڻ کان بغير سوچ سمجهہ جي ڪنهن مخصوص منصوبي تي عمل ڪرڻ. اڪثر اهڙي خيال اچڻ، اهڙي سوچ جو وڌي وڃڻ ۽ خودڪشي جي سوچ کي ذهن ۾ برداشت ڪرڻ، ڪنهن مخصوص منصوبي ۽ سوچ سان ۽ بار بار اهڙي پاسي ڌيان وڃڻ جهڙا واقعا پڻ خودڪشيءَ وارن لاڙن کي ڪنهن مضبوط نقطن واري معيارن سان پڻ ماپي سگهجي ٿو. مثال طور خودڪشيءَ جي سوچ کي جانچڻ لاءِ نوجوانن لاءِ سوالنامي وارو طريقو استعمال ڪيو وڃي ٿو. هڪ پندرهن نقطن وارو بيماري جي سڃاڻپ وارو سوالنامو جنهن ۾ 31 يا ان کان وڌيڪ انگن کي "Flag" يعني نشاني تصور ڪيو ويندو. خودڪشيءَ جي رجحان جو بالغن لاءِ بہ هڪ پئمانو مقرر ٿيل آهي. ان کانسواءِ مايوسيءَ دوران خودڪشيءَ جي لاڙي کي ماپڻ لاءِ اُن جي انگ اکرن جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ پڻ اهڙا ماپا استعمال ٿين ٿا. ياد رکڻ گهرجي تہ جيترو ماضيءَ ۾ مرڻ جي سوچ وڌيڪ رهي هوندي اوترو ئي اڳتي هلي خودڪشيءَ جو خطرو وڌي سگهي ٿو.

ڪنهن شيءِ جو ارادو يا نيت آخر ڪار ظاهر ٿي پوي ٿي. مثال طور ڪنهن جو چوڻ تہ "مان مرڻ چاهيان ٿو /ٿي" يا ان جي رويي مان اندازو لڳائڻ (جيئن خودڪشيءَ لاءِ منصوبا بندي، هلاڪت خيز طريقو اختيار ڪرڻ، مريض جو موت مار طريقي ۾ يقين، بچاءَ ۽ احتياطي اپائن کان بچڻ جي ڪوشش) ان عمل جي مختلف رُخن کان جانچ پڙتال علاج دوران معالج جي مدد ڪري ٿي، اُن کانسواءِ سلسلي وار واقعا ۽ خودڪشيءَ جي رجحان کي مختلف رخن کي سمجهڻ ۽ ان عمل کان بچاءَ لاءِ انفرادي منصوبہ بندي بہ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

## علاج:

اهڙو علاج بہ ڪجهہ مختلف سادين آزمائشن تي مشتمل آهي، ڇو تہ پهرين ڳالهہ اها آهي تہ مختلف تحريڪون يا سبب خودڪشيءَ جي خطري کي وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا، ان لاءِ علاج جو گهڻ رخو ۽ انتهائي منفرد يا انفرادي هجڻ لازمي آهي. ٻيو تہ ان قسم جي علاج لاءِ ثابتين وارو سائنسي مواد تمام مختصر تعداد ۾ ملي ٿو ڇو تہ خودڪشي ڪندڙ نوجوانن کي عام مريضن ۾ ڳڻيو ئي نٿو وڃي. آخري ڳالهہ تہ اهڙن مريضن جي علاج کي جاري رکڻ ڏاڍو

ڏکيو ٿئي ٿو ڇو تہ مريضن جي گهٽائي تجويز ڪيل علاج کي اڌ ۾ ڇڏي ڏئي ٿي. جنهن جو سبب انهن جا ذهني مسئلا ۽ ڪٽنب جا نفسياتي ۽ سماجي مسئلا ۽ رويا هوندا آهن.

مٿئين علاج جو اصل مقصد ان رجحان کي ڪِن موافق يا لچڪدار سببن تي عمل ڪري گهٽ ڪرڻ آهي. ايئن ڪٿي چئجي تہ ان جو علاج اصل ۾ هڪ ذهني تبديلي جنهن ۾ پوري ايمانداري ۽ توانائي سان اهم نفسياتي مونجهارن ۽ مسئلن کي سلجهائي مريضن ۾ دٻاءَ ۽ محروميءَ کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت بيدار ڪرڻ ۽ هر هر خودڪشيءَ جي سوچ کان پري رکڻ ۽ ان جي خاندان سان خوشگوار لاڳاپا پيدا ڪرڻ آهي.

## ذهني مسئلن ۽ بيمارين جو علاج:

نوجوانن ۾ ذهني دٻاءَ جي علاج بابت تمام گهڻي تحقيق ڪئي وئي آهي. 30 کان وڌيڪ نوجوانن جو وچٽرن جي لاڙن جي علاج يا باهمي علاج ۽ درجن کان وڌيڪ مريضن جي مايوسي جي علاج جي وچٽري تجرباتي سوچ سمجهہ جو جائزو ورتو ويو. جيتوڻيڪ انهن سيني تجربن ۾ خودڪشيءَ ڏانهن مائل نوجوان شامل نہ هئا پر مايوس ۽ خودڪشي ڏانهن راغب نوجوانن جي علاج جي سلسلي ۾ اهم معلومات فراهم ڪن ٿا. ماضيءَ ۾ خودڪشي جي رجحان ۽ ڪوشش جي ڪري مريض مستقبل ۾ بہ اهڙي خطري اندر رهي ٿو. ان ڪري اهو ئي مناسب آهي تہ ڪامياب علاج لاءِ مريضن کي مايوسي ۽ پريشاني کان ٻاهر ڪڍيو وڃي. جيتوڻيڪ اختياري اپياس مان اڃا اها ڳالهہ ثابت نہ ٿي آهي تہ مايوسي ۽ ذهني سڪون جي دوائن ۽ ٻئي 1*CBT طبي علاج سان نوجوانن جي مايوسي ۽ ذهني دٻاءَ جو مؤثر علاج ممڪن ٿي سگهي ٿو. ذهني دٻاءَ جي مرض ۾ ورتل نوجوانن جي علاج 2*TADS اڪيلي علاج Monotherapy (هڪ دوا سان علاج) جي اثرن CBT يا (مايوسي جي علاج جي دوا) جي ٻاهرئين مريضن کي وچولي درجي کان شِدت واري درجي وارن ٻاهرين مريضن سان پيٽيو ويو. مايوسي جي علاج جي دوا ذهني دٻاءَ جي علامتن کي سڌارڻ ۾ CBT کان وڌيڪ اثرائتي ۽ تيز ثابت ٿي. ۽ مليل جليل علاج اڪيلي سِر علاج واري طريقي کان وڌيڪ اثرائتو ۽ مرض جي شدت ۾ گهٽتائي جو سبب بڻيو. TADS واري طريقي مطابق 29سيڪڙو ماڻهو خودڪشيءَ جي گهڻي خطري ۾ هئا. جيئن تہ خودڪشيءَ واري سوالنامي ۾ ان جو تعدد 31 هو پر علاج جي دوران ان عدد ۾ تبديلي ايندي رهي ۽ اهو گهٽبو هيٺ اچي ويو بلڪہ مليل قسم جي علاج ۽ اڪيلي علاج سان ان ۾ وڌيڪ بهتري آهي. جيتوڻيڪ فلوڪسين جي انفرادي ۽ گڏيل علاج، جنهن ۾ فلوڪسين ۽ CBTپڻ شامل آهن.

جيتوڻيڪ ذهني دٻاءَ ۽ مايوسي جي حالت ۾ ڏنيون ويندڙ دوائون جيڪي Antideppresant (مايوسي جي علاج جي دوا) ۾ خودڪشيءَ جي سوچ ۽ ڪوشش کي وڌائڻ وارو عنصر پڻ ڏٺو ويو آهي. جيڪو نوجوانن ۾ ڪونہ آهي. انهن اثرن جي لاڳو ٿيڻ لاءِ جيتوڻيڪ ڪجهہ نٿو چئي سگهجي پر اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ 3*Serotenergic جو انتقال روين ۾ تيزي ۽ تبديلي آڻي ٿو. جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهن ۾ چڙ، ڪاوڙ جارحاڻو رويو ۽ جذباتيت شامل ٿي ويندي آهي. 2004ع ۾ آمريڪا جي کاڌي ۽ دوائن واري شعبي FDA (خوراڪ ۽ دوا وارو عالمي ادارو) اهو لازمي قرار ڏئي ڇڏيو تہ خودڪشيءَ جي لاڙي رکڻ وارن ماڻهن لاءِ Black Box تي تنبيهہ جاري ڪئي وڃي. ايجنسي جي وارننگ خاص طور تي ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ هئي. انهن تنبيهن کي 2007ع ۾ وري ورجايو ويو جنهن مان خبر پئي تہ اِهي اهڙو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ هيون تہ خودڪشيءَ جو رجحان 24 سالن تائين وارن نوجوانن ۾ گهٽبو رهيو جڏهن تہ 24 سالن کان وڌيڪ وارن ماڻهن ۾ ان رجحان ۾ واڌارو نہ ڏٺو ويو پر 65 سالن يا اُن کان وڌيڪ عمر وارن بزرگن ۾ بہ ان قسم جا لاڙا نظر نہ آيا.

ان باري ۾ بحث ڪري سگهجي ٿو تہ ڇا مايوسي جي علاج جِي دوائن جو گهٽ استعمال واري تنبيهہ آمريڪا ۽ ٻين ملڪن اندر خودڪشي جي وڌڻ جو ڪارڻ هو يا نہ؟ حقيقت اُها آهي تہ ذهني دٻاءَ ۽ ٻيا ذهني مونجهارا خودڪشي جي رويي ۽ سوچ جو وڏو ڪارڻ بڻجن ٿا جنهن تي بهتر علاج ذريعي ئي قابو پائي سگهجي ٿو.

ٻئي پاسي 36 هفتن جي TADS فلوڪسٽين جي انفرادي علاج سان خودڪشي جي گهٽائي جي شرح 14.7 کان وڌيڪ هئي. اهڙي ريت CBT کي فلوڪسٽين جي 6.3سيڪڙو يا گڏيل علاج جي 8.4 سيڪڙو علاج ۾ مددگار ثابت تہ ٿي پر ذهني دٻاءَ کي وڌائڻ جو سبب پڻ بڻي. اهو بہ ممڪن آهي تہ CBTدوران شديد ذهني دٻاءَ، سماجي مسئلن کي سجاڻڻ، انهن کي حل ڪرڻ ۾ ۽ ذهني دٻاءَ جي سبب کي بحث هيٺ آڻڻ لاءِ موقعا بہ ملن ٿا. CBT کي خاص طور تي خودڪش روين ۽ اختياري علاج دوران خودڪشي ڏانهن مائل نوجوانن تي تجربن سان اهو ڏٺو ويو آهي تہ انهن کي اختيار ڪرڻ خودڪش روين کي روڪڻ ۾ ڪافي فائديمند ثابت ٿيو. جڏهن تہ بالغن لاءِ بہ ان قسم جي ريسرچ جاري آهي.

## (خطري جي حالت ۾ منصوبہ بندي)

## هنگامي حالتن جا انتظام.

خودڪش رويو رکندڙ نوجوانن کي ڪنهن دٻاءَ واري حالت کان بچائڻ لاءِ ۽ اهڙن واقعن جي مسلسل ٿيڻ کان روڪڻ جا ڪامياب انتظام ڪرڻ تمام ضروري هوندا آهن. اهو هڪ عام مريض ۽ ڊاڪٽر وارو معاهدو ڪونہ هوندوآهي جنهن جي ڪارڪردگي تي شڪ ڪيو وڃي يا اهو مشڪوڪ هجي پر اهو تہ گڏيل طور جوڙيل منصوبو هوندو آهي، جيڪو انهن مخصوص حالتن ۾ جيڪي خودڪشي ڏانهن مائل ڪن ٿيون جي تفصيلي جائزي، خودڪشيءَ طرف وٺي وڃڻ وارن جذباتي عنصرن يا ماضيءَ ۾ اهڙن عملن ۽ جذباتيت کي روڪڻ لاءِ متبادل ٿئي ٿو. جنهن سان بغير ڪنهن نقصان جي ڪاوڙ مايوسي يا ٿيندڙ تباهي کان مريض کي بچائي سگهجي ٿو.

اِن ڏس ۾ معالجن کي گهرجي تہ مريض جي ڪٽنب کي خودڪشي جي محرڪن جي موجودگي کان پرهيز جو مشورو ڏين. مثال طور ڊاڪٽري نسخي ۽ ضرورت کان وڌيڪ دوائن کي مريض جي پهچ کان پري رکجي ۽ آتشگير اوزارن (هٿيارن) ۽ ٻين خطرناڪ اوزارن کي پڻ مريض کان پري رکيو وڃي.

## ڪٽنب جي باهمي رابطي کي بهتر بنائڻ:

خودڪشي جو لاڙو رکندڙ نوجوانن جي لاءِ خاندان جا باهمي لاڳاپا بهتر هجڻ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. خودڪشي جي هڪ دفعو ڪوشش کان پوءِ نوجوان جا ماءُ پيءُ اڪثر خوف، صدمي، احساس جرم ۽ ڪاوڙ واري ڪيفيت ۾ رهن ٿا. اهڙي حالت ۾ ڪٽنب جا پاڻ ۾ خوشگوار لاڳاپا نفسياتي علاج جا اهم جزا تصور ڪيا وڃن ٿا.

علاج شروع ٿيڻ کان پهرين ماءُ پيءُ کي علاج جي اختيارن، خطرن ۽ فائدن تي سوچڻو پوي ٿو. ڪنهن کي بہ مريض تي ذهني دٻاءَ ۽ مايوسي واري دوا ڏيڻ وقت ان جي امڪاني فائدن ۽ ان جي نقصانن ٻنهي کي نظر رکڻ گهرجي. اهڙي علاج وقت ماءُ پيءُ جي نگراني، رابطو معالج سان صلاح مشورو مايوسي واري ڪيفيت رويي ۾ بدلاءُ ۽ ڪنهن ٻئي نقصان ڪار اثر جي مسلسل نظرداري تمام ضروري هوندي آهي.

## معالجاتي نظرداري:

خودڪشي جو لاڙو رکندڙ نوجوانن جي علاج دوران اسپتال ۾ گهري نظرداري تمام ضروري هوندي آهي. اِهو ڏنو ويو آهي تہ خودڪشيءَ جي ڪوشش جي ڪجھ مهينن اندر ٻيهر اهڙي ورجاءَ جو خطرو تمام گهڻو هوندو آهي. اسپتال مان مڪمل صحتيابي کان پوءِ مريض کي گهر موڪلڻ تمام اهم مرحلو هجي ٿو. سڪون آور يا خلفشار دور ڪندڙ دوائن سان نوجوانن جي رويي ۾ تبديلي بہ اچي سگهي ٿي ۽ هو خودڪشيءَ جي خيال ڏانهن ٻيهر مائل پڻ ٿي سگهن ٿا. ان ڪري دوا جو مقدار ڊاڪٽر جي مشوري مطابق استعمال ڪرڻ کانسواءِ دوا جي اثرن جو تعين ڪجي ۽ ڪنهن بہ خطري جي گنجائش تي پڻ نظر رکي وڃي. 2004ع ۾ ٻارن جي سڪون آور دوائن جي معالجاتي تجربن دوران تبديلي ۽ تجزيي ڪرڻ کانپوءِ FDA خاص طور تي سڪون آور دوائون کائڻ وارن نوجوانن کي هر هفتي ڊاڪٽر سان ملاقات لاءِ زور ڏنو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي 4 هفتن لاءِ تہ اهو تمام ضروري قرار ڏنو آهي. اڳين چئن هفتن ۾ ورڻ هڪ هفتو ڇڏي ٻئي هفتي معائني لاءِ اچڻ ضروري آهي. اهڙي قسم جي سخت نگراني واري حڪمت عملي جيتوڻيڪ عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي. لڳي ٿو تہ ڪِن علائقن ۾ معالجن ان تي عمل ئي نہ ڪيو آهي. 2007ع ۾ FDA اهڙيون تجويزون بليڪ باڪس يا برقي آلي مان خبردار ڪرڻ لاءِ ڇڏيون. دوائن سان گڏ اهو بہ تجويز ڪيو ويو تہ مريض جو چڱي طرح خيال رکيو وڃي ۽ گڏوگڏ لکت ۾ خبردار ڪيو ويو تہ مريض جو چڱي طرح مشاهدو ڪيو وڃي. خاص ڪري دوا جي گهٽ وڌائي يا ان جي وقت جي تبديلي يا معالجاتي بگاڙ ۽ خودڪشي جي رجحان جي شروعاتي دؤر ۾.

ڇاڪاڻ تہ علاج تي لڳاتار عمل پيرا ٿيڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هوندو آهي، ان ڪري مريضن ۽ انهن جي ڪٽنبن کي هڪ مڪمل طريقہ ڪار ۽ منصوبي تي عمل لاءِ پابند ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪو مريض اسپتال ۾ داخل آهي تہ ان کي فارغ ڪرڻ کان اڳ ۾ ان کي اسپتال اچي علاج کي جاري رکڻ لاءِ پڻ تاڪيد ڪئي وڃي ٿي، ڇو تہ گهر وڃڻ کان پوءِ خودڪشيءَ جو خطرو وڌي سگهي ٿو. ان ڪري جيڪڏهن مريض ملاقات واري ڏينهن اسپتال نہ اچي سگهي تہ ان جي باري ۾ ٽيلي فون يا اي-ميل E-mail ذريعي مطلع ڪرڻ ضروري هوندو آهي. جيئن تہ مريض جو علاج هڪ ئي وقت مختلف ڊاڪٽر ڪري رهيا هوندا آهن ان ڪري نفسياتي ۽ طبي ڊاڪٽرن جو مريض سان هڪ جهڙو ورتاءُ سنو باهمي لاڳاپو ۽ رابطا ضروري آهن.

## خلاصو ۽ علاج لاءِ هدايتون:

مايوسي ۽ خودڪشيءَ جي رجحان رکندڙ مريضن لاءِ علاج جي نفسياتي حالت جهڙوڪ هن جي خاندان جي فردن سان تعلق ۽ پنهنجن ساٿين سان رابطن جي نوعيت تي دارومدار رکي ٿو. ان سان گڏوگڏ دوائن جو ۽ ٻين آتشگير مادن جو هن جي پهچ کان پري رهڻ بہ انتهائي ضروري هوندو آهي. ڪو نوجوان جيڪڏهن ڪنهن ڊرامي يا فلم ۾ خودڪشي ڪندي ڪنهن کي ڏسي ولي تہ ان جا مستقبل ۾ خودڪشيءَ جا امڪان وڌي وڃن ٿا ۽ هو ذهني دٻاءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ هو نفسياتي مسئلن سان گڏوگڏ چڙ ۾ پڻ مبتلا رهي ٿو. جيڪڏهن هن جي خاندان ۾ نشي واپرائڻ سوداءَ ۽ مايوسي جا مرض موجود آهن تہ مريض جي سماجي اڪيلائيءَ جو ڪو نعم البدل نہ هجڻ، پنهنجي ڪاوڙ کي ظاهر ڪرڻ جو بي ضرر طريقو نہ هجڻ، گهر ۾ دوائن جي گهڻي مقدار ۾ موجود رهڻ هِن لاءِ خودڪشيءَ جي عمل ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. ٻين سببن ۾ پڙهائيءَ ۾ مشڪل پيش اچڻ، ساٿين سان ميل جول ۽ دوستاڻا تعلق نہ هجڻ، ڪنهن عزيز هستيءَ جو اوچتو وڇوڙو نشي جي عادت ۾ پوڻ، شامل آهن. ياد رکڻ گهرجي تہ مردن ۾ ان قسم جا خطره اجا بہ وڌيڪ ٿين ٿا. ان کان بچاءَ جا طريقا فقط ماءُ پيءُ جي مشاورت ۽ پُرمسرت گهريلو ماحول ئي ٿي سگهن ٿا.

هڪ گهِرو صدمو جنهن جي ڪري هڪ نوجوان خودڪشي ڪئي ڇا هو؟ فقط ٻيس بال ۾ ناڪامي ۽ ساٿين جي چِڙا پر خودڪشيءَ جو خيال تہ اڳ ۾ ئي موجود هو پر ان جو طريقہ ڪار ان جي منصوبہ بندي ۽ ان جي نتيجن جي اڻ ڄاڻائي ثابت ڪري ٿي تہ هن جو مرڻ جو ڪو ارادو ڪونہ هو. وڏي ڳالهہ تہ مريض پنهنجي خودڪشيءَ طرف ڪنهن جو بہ ڌيان ڪونہ ڇڪرايو هو. جنهن مان ثابت ٿيو تہ هن ان کي لِڪائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي اسيٽامينوفين جو گهڻو مقدار وٺڻ سان هاڃيڪار اثر ٿي سگهن ٿا. خاص ڪري جيري جي تيزابيت وڌائڻ ۾۔ نہ رڳو ايترو پر اڻ رٿيل خودڪشيءَ جي ڪوشش موت جو ڪارڻ پڻ ٿي سگهي ٿي.

اهڙي مريض جي مرض جي شدت کي ڏسندي مايوسي مان ڪڍندڙ دوا ۽ CBT مايوسي ۽ سوداءَ کي گهٽ ڪرڻ ۽ خودڪشي جي سوچ کي گهٽائڻ ۾ ڪار آمد ٿي سگهن ٿا. اهڙي رجحان کي گهٽائڻ لاءِ فِلوڪسٽين جي گهٽ مقدار کان ابتدا ڪرڻ بهتر آهي. ڏينهن ۾ 10 ملي گرام جي گوري کان شروعات ڪري هفتي اندر 20 ملي گرام ڪرڻ بهتر رهندو. جيڪڏهن علامتون قابو ۾ رهن تہ TADS ۾ هن دوا جو مقدار ڏينهن ۾ 30 ملي گرام رکيو ويندو آهي، جيڪو 12 هفتن تائين جاري رهي سگهي ٿو. CBT جو هڪڙو مقصد اهو بہ آهي تہ اهو منصوبو جوڙيو وڃي جيڪو ڪنهن بہ خطرناڪ صورتحال ۾ عمل جي قابل هجي. CBT کي طبي علاج سان گڏوگڏ هلائڻ بهتر رهندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 3 (ٽِن) هفتن تائين هفتي وار ڏني وڃڻ گهرجي ۽ مرض جي گهٽتائي جي صورت ۾ ان جي مقدار ۾ ڪمي آندي وڃي

عوامي آگاهي لاءِ (امريڪن جنرل آف سائيڪيٽري مارچ 2008ع تان ورتل)

***

1* CBT: (Cognitive Behavior Theropy) ادراڪ ۽ مزاج کي ٺيڪ ڪرڻ واري علاج جو زباني طريقو.

2* TADS: هڪ تحقيقي اڀياس جو نالو

3* Serotenergic : ڊپريشن ۾ عمل دخل ڪرڻ وارو دماغ ۾ موجود ڪيميائي مادو.

# ايم. ڪي اسپتال پاران ٽن ڏينهن جي ٻارن جي آپريشن واري مفت ڪئمپ

ادارو

انساني ڀلائي ۽ بهبود جي تاريخ به اوتري ئي پراڻي آهي جهڙي انسان ڪي رنج ۽ ڇيهو رسائڻ وارن روين جي تاريخ. وقت بوقت مختلف ماڻهو جيڪي سماج ۾ بهتري آڻڻ چاهيندا آهن ۽ انسان جي خدمت جو جذبو ڪٽي ڀلائي جي اِن قافلي ڪي منزل ڏانهن وٺي ويندا رهيا آهن. ايم. ڪي اسپتال جيڪا ايم.ڪي فائونڊيشن تحت هلي رهي آهي جنهن ۾ مختلف ذهني، اعصابي ۽ جسماني مرضن جو ماهر ڊاڪٽرن ذريعي علاج ڪيو وڃي ٿو اُن ڪي اِهو اعزاز حاصل آهي ته تمام ٿوري وقت ۾ خدمتِ خلق جي جذبي تحت هُن ڪيترائي پروگرام ڪرايا آهن جن ۾ صحت بابت مختلف موضوعن تي ورڪشاپ، سيمينار، ڪيترين ئي مفت ميڊيڪل ڪئمپون ۽ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي علاج جي مد ۾ مدد ڪرڻ پڻ شامل آهي.

تازو ئي 20 سيپٽمبر کان 22 سيپٽمبر 2013ع تي ايم.ڪي اسپتال حيدرآباد ۾ حيدرآباد جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين ٻارن جي مفت آپريشن جي ڪئمپ لڳائي وئي. جنهن ۾ ٻارن جي ماهر سرجن ۽ انستيسيا جي بهترين ڊاڪٽرن پنهنجون خدمتون بغير ڪنهن معاوضي جي پيش ڪيون. 20 سيپٽمبر تي لڳايل هن ڪئمپ ۾ حيدرآباد جي ٻارن جي ماهر سرجن ڊاڪٽر نند لال ڪيلا ۽ ٻين ڊاڪٽرن ڪامياب آپريشن ڪيا. ايم.ڪي اسپتال ۾ لڳايل هن ڪئمپ جي خاص ڳالهه اِها هئي ته داخلا کان وٺي آپريشن تائين ۽ آپريشن کان وٺي ڊسچارج ٿيڻ تائين مريضن ڪي بغير ڪنهن خرچ جي مڪمل علاج، رهائش ۽ دوائون پڻ مهيا ڪيون ويون. هن ڪئمپ ۾ پري پري کان آيل ڪيترن ئي مريضن هن سهولت مان فائدو ورتو جيڪو ايم.ڪي اسپتال ۽ ايم.ڪي فائونڊيشن جي لاءِ ڪنهن مڃتا کان گهٽ ڪونه هو. ايم. ڪي اسپتال اندر لڳايل هن ڪئمپ ۾ داخل ٿيندڙ 14 سالن کان گهٽ عمر جا ٻار شامل هُئا جيڪي مثاني واري پٿري جي مرض ۾ مبتلا هئا جن جو ڪامياب آپريشن ڪيو ويو. اِن ڪئمپ ۾ آيل مريضن جو وڏيڪ تعداد اهڙي طبقي سان واسطو رکندڙ هو جن جا والدين رڳو معاشي لحاظ کان ڪمزور هُجڻ ڪري آپريشن ڪرائڻ کان نتائي ۽ ڪيٻائي رهيا هُئا.

خلق جي خدمت واري حوالي سان اهڙي مفت ڪئمپ ڊاڪٽر محمد علي قريشي پيڊياٽرڪ سرجن ۽ پبلڪ هيلٿ ڪنسلٽنٽ لياقت يونيورسٽي اسپتال ڄامشورو ۽ حيدرآباد پاران آرگنائيز ڪئي وئي. جنهن ۾ ٻارن جي ماهر سرجن ڊاڪٽر نند لال ڪيلا، ڊاڪٽر محمد علي جرواڙ ڊاڪٽر سنجي بابو ڊاڪٽر حامد رضا ملاح ۽ ڊاڪٽر پمر لال لڪاڻي پنهنجون خدمتون پيش ڪيون. اُن سان گڏوگڏ ڊاڪٽر نجيب، ڊاڪٽر آصف، ڊاڪٽر عمران پنهنجو پيشيوراڻو ۽ مالي سهڪار پڻ ڪيو. ٽن ڏينهن يعني 20 سيپٽمبر کان 21 ۽ 22 سيپٽمبر تائين آپريشن واري هن مفت ڪئمپ ننڍن ٻارن جي مثاني جي پٿريءَ جا آپريشن ڪري ڪيترن ئي غريب خاندانن جي صحت واري حوالي سان مدد ڪئي وئي. ايم.ڪي فائونڊيشن جنهن جي تحت پروجيڪٽ طور ايم.ڪي اسپتال جنهن ۾ علاج جون سڀ جديد سهولتون موجود آهن اُن سان گڏوگڏ نشي جي مرض ۾ ورتل ماڻهن لاءِ گرين هائوس پڻ ٺاهيو ويو آهي جنهن ۾ مريضن ڪي سائيڪو ٿراپي سوڌو مڪمل سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن. ايم.ڪي فائونڊيشن پاران عوامي آگاهيءَ لاءِ سنڌي زبان ۾ صحت جو هڪ مڪمل ۽ مستند رسالو "ايم.ڪي هيلٿ مئگزين" پڻ ڪڍيو پيو وڃي جيڪو هر ٻن مهينن کان پوءِ ڇپجي ٿو جنهن ۾ مستند ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل واري شعبي سان لاڳاپيل شاگردن، پروفيسرن ۽ ڊاڪٽرن جا مضمون ۽ انٽرويو شامل هوندا آهن. ايم.ڪي فائونڊيشن پاران "ايم.ڪي هيلٿ مئگزين واري اِها ڪوشش سچ پچ ساراهڻ جوڳي آهي. ڇو ته اِن رسالي ذريعي عام ماڻهن ڪي پنهنجي مرضن ۽ اُنهن جي احتياطن ۽ صحيح ڊاڪٽر جي سڃاڻپ ۾ مدد ملي ٿي.

تازو ئي ايم.ڪي فائونڊيشن پاران بدين ۾ "ايم.ڪي ويلفيئر ميڊيڪل سينٽر" پڻ کوليو ويو آهي. جتي علائقي جي بي پهچ ۽ غريب ماڻهن جو گهٽ خرچ ۾ ماهر ڊاڪٽرن جي موجودگيءَ ۾ علاج ڪيو ويندو آهي.

❁❁❁

# هڪ ڊاڪٽر ڪي بہ نيٺ مرڻو آهي

سنڌيڪار ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

(هي مضمون ڪين مري (*Ken Murray, MD*)، ايم ڊي ڪلينيڪل اسسٽنٽ پروفيسر آف فيملي ميڊيسن ائٽ يو ايس اي جو لکيل آهي ۽ دُنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ ترجمون ڪيو ويو آهي.) هڪ ڊاڪٽر جيڪو پنهنجي پيشي جي مهارت رکڻ سان گڏو گڏ هڪ انسان پڻ آهي ۽ انسانيت جي ناتي ڄاڻيس جيڪو مريض اچي ٿو اُن سان هن کي ڪهڙي قسم جو ورتاءُ ڪرڻ کپي؟. هي مضمون پنهنجي پڙهندڙن سان گڏو گڏ خاص طور تي اُنهن ڊاڪٽرن جي لاءِ پڻ آهي جيڪي مريض ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ پور وڇوٽي رکندا آهن.

اها ڪجھ سال اڳ جي ڳالھ آهي جڏهن ڊاڪٽر چارلي، جيڪو انساني هڏائين پيچري جو ماهر، ملڪ جو مشهور ڊاڪٽر ۽ منهنجو گرو بہ رهيو آهہ. ڪيس پنهنجي معدي ۾ هڪ ڳوڙهي هجڻ جي خبر پيئي. هن هڪ سرجن کان پنهنجي پيٽ جي اُنهيءَ حصي جي چڪاس ڪرائي . ڪيس لبلبہ جي ڪينسر جي ڄاڻ پيئي. چارلي نہ رڳو ملڪ جي مشهور سرجنن مان هڪ هيو پر هن، هن قسم جي ڪينسر جي علاج جو هڪ اهڙو طريقو بہ متعارف ڪرايو هو جنهن رستي اهڙن مريضن جي ڪينسر ڪانپوءِ عام طور تي پنجن سالن جي زندگي وڌيءَ پندرهن سالن تائين ٿِي ٿي سگهي. جڏهن تہ زندگي جو معيار ڪجھ گهٽ ٿي رهيو. ڪينسر جي تشخيص ڪانپوءِ ڊاڪٽر چارلي جي ڊاڪٽري ڪرڻ مان دلچسپي ختم ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن تي هو اسپتال بند ڪري گهر هليو ويو ۽ وري ڪڏهن بہ اسپتال جو منهن نہ ڏٺو.

هن پنهنجو سڄو وقت پنهنجي ڪٽنب سان ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهيس خوش زندگي گذارڻ شروع ڪئي. ڪجھ مهينن ڪانپوءِ هو پنهنجي گهر ۾ فوت ٿي ويو. جڏهن تہ علاج لاءِ هن نہ تہ ڪيموٿراپي، ريڊيوٿراپي ۽ نہ ئي جراحي ڪرائي. صحت جي ڪرايل ويمي مان بہ هن پنهنجي علاج تي مڙيوئي ڪو خرچ ڪيو.

جيتوڻيڪ ان موضوع تي گهڻو بحث نہ ٿيندو رهيو آهي پر اها حقيقت آهي تہ ڊاڪٽرن کي بہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي. جڏهن تہ اهي اسان عام ماڻهن جيان موت جو ذائقو نہ ٿا وٺن. هن وقت ڊاڪٽرن لاءِ غير معمولي هيءَ ناهي تہ سندن ڪيترو گهڻو علاج ڪيو وڃي ٿو بنسبت هڪ عام شهريءَ جي پر اها تہ، سندن ڪيترو گهٽ علاج ٿئي ٿو. هو پنهنجو سڄو وقت، ٻين ماڻهن کي مرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ گذارين ٿا پر جڏهن سندن مرڻ جو وقت اچي ٿو تڏهن گهڻي ڀاڱي شانت ۽ خاموش رهن ٿا. ڇو تہ، کين ڄاڻ هجي ٿي تہ هاڻ ساڻن ڇا ٿي رهيو آهي. کين بيماري جي خبر هجي ٿي ۽ عام طور تي کين هر اهڙي طبي سنڀال ۽ پرگهور بہ سولائي سان ملي سگهي ٿي جنهن جي هو سڌ ڪري سگهن ٿا. پر ان بجاءِ هو صبر کان ڪم وٺن ٿا.

ان ڳالھ ۾ بہ شڪ ناهي تہ ڊاڪٽر مرڻ نہ پر جيئڻ چاهين ٿا. جڏهن تہ کين جديد طب ۽ ان جي مجبورين جي بہ سٺي ڄاڻ هجي ٿي. کين ان ڳالھ جي بہ سٺيءَ طرح سان خبر آهي تہ سڀ ماڻهو موت کان وڌ ۾ وڌ ڊپ ۾ رهن ٿا جيڪو پيڙا ۾ لوڙي مرڻ ۽ اڪيلي مرڻ جو آهي. جنهن بابت هو پنهنجن سان ڳالهيون بہ ڪن ٿا. هو ان ڳالھ جي پڪ ڪرڻ چاهين ٿا تہ جڏهن اهڙو وقت اچي ٿو تڏهن ڪو بہ اهڙو طلسماتي ڪارنامو ٿي نہ ٿو سگهي جنهن جو هن ڌرتي تي آخري گهڙين دوران هو ڪڏهن بہ تجربو ڪري نہ سگهندا تہ ڪو کين ساهہ کڻائڻ جي ڪوشش ۾ سي. پي. آر (CPR) ڪندي سندس پاسرا ٽيون ڀڃي وجهي (جڏهن سي. پي. آر درست طريقي سان ڪئي وڃي تڏهن ائين ئي ٿئي ٿو).

اتڪل سڀني طبي ماهرن کي ان ڳالھ جو بہ آزمودو آهي جنهن کي اسان "اجائي پرگهور" سڏيون ٿا تنهن مان ماڻهن کي گذرڻو پوي ٿو. اهڙين حالتن ۾ ڊاڪٽر جديد کان جديد تر ٽيڪنالاجي رستي ڪنهن گنڀير بيماري ۾ مبتلا فرد کي جيڪو موت جي ڪنڌي تي هوندو آهي کيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي جنهن لاءِ مريض جي جسم ۾ مختلف هنڌن تي ٽيوب وڌا ويندا آهن، مشينن سان ڳنڍيو ويندو آهي ۽ مٿس دوائن جي ڀرمار ڪئي ويندي آهي. اهو سڀڪجھ انتهائي-نگهداشت وارڊ ۾ ٿيندو آهي جنهن جا ڪيس روزانو هزارين ڊالر خرچ ڪرڻا پوندا آهن. ائين هو جيڪي ڪجھ ڳنهي ٿو اها سندس بدحالي ۽ پريشاني ئي هوندي آهي جنهن سان اسان ڪنهن دهشت گرد کي بہ روڳڻ نٿا چاهيون. مون کي پنهنجن دوست طبيبن اها ڳالھ ايترا دفعا ٻڌائي آهي جو اهو انگ بہ ياد ڪري نٿو سگهان ٻين لفظن ۾ سندن ان ڳالھ ۾ ٿورو گهڻو فرق بہ آهي جڏهن چوندا آهن تہ "واعدو ڪر تہ جيڪڏهن تون اسان کي ائين ڪندي ڏسين تہ ماري نہ ڇڏيندين." سندن اصل مطلب بہ اهوئي هوندو آهي. ڪيترن طبي ماهرن کي اهڙا بہ ميڊل پاتل هوندا آهن جن تي "No Code" لکيل هوندو آهي جنهن جو مقصد ٻين ڊاڪٽرن کي اهو ٻڌائڻ هوندو آهي تہ انهن جي سي پي آر نہ ڪئي وڃي جڏهن تہ مان ان کي رڳو ڏيکاءُ سمجهندو آهيان.

ماڻهن کي ڪنهن بہ اهڙي قسم جي طبي سهولت ڏيڻ جنهن سان کين تڪليف پيدا ٿئي ٿي ٻيڙاڪن هوندي آهي. ڊاڪٽرن کي اهو بہ سيکاريو ويندو آهي تہ هو پنهنجن احساسن ظاهر ڪرڻ بنا مريضن مان معلومات حاصل ڪن. جڏهن تہ خانگي طور تي ڊاڪٽر بہ پنهنجن ڊاڪٽر ڀائرن سان ان ڳالھ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ "ڇا ڪو پنهنجن گهر ڀاتين سان بہ ائين ڪري سگهي ٿو؟" مان ڀائيان ٿو تہ، اهو ڊاڪٽرن جي ٻي جا گهڻي شراب واپرائڻ ۽ مايوسي جو هڪ سبب ٿي سگهي ٿو بنسبت ٻين پيشن ۾ ڪم ڪندڙن ماهرن جي. منهنجي خيال ۾ تہ، اهو ئي هڪ سبب آهي جو گذريل 10 سالن کان وٺي ڪنهن بہ اسپتال ۾ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو

اٿم.

اهو به ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ڊاڪٽر پرگهور لهڻ لاءِ مريض کي ايترو ڪجهه هٽن ٿا جيڪو ڇا هو پنهنجي لاءِ پسند ڪندا؟ ان جو بلڪل سادو يا اڻ سادو ۽ سڌو جواب آهي: مريض، ڊاڪٽر ۽ اهڙو سرشتو/نظام.

اهو ڏسڻ لاءِ ته مريض پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿا پيش ڪن، ان لاءِ هڪ اهڙي منظر جو تصور ڪريو جنهن ۾ هڪ فرد پنهنجو هوش وڃائي ويٺو آهي ۽ کيس ايمرجنسي روم ۾ داخل ڪيو ويو آهي. جيئن گهڻي ڀاڄي ٿيندو آهي ته ڪنهن به اهڙي صورتحال جي رٿا تيار نه ڪئي ويندي آهي ۽ مريض جا ڏکايل ۽ ڊپ ۾ ورتل مائٽ پاڻ کي مکيارين جي مونجهاري ۾ ڦاٿل محسوس ڪندا آهن. اهي گهڻي دٻاءَ هيٺ رهندا آهن. جڏهن ڊاڪٽر ڪانئن پڇندا آهن ته ڇا هو چاهين ٿا ته مريض کي بچائڻ لاءِ "هر ڳالهه ڪئي وڃي" ته سندن جواب هائوڪار ۾ هوندو آهي. ان ڪانپوءِ هڪ ڀيانڪ صورتحال جي شروعات ٿيندي آهي. ورلي، ڪٽنب اهوئي چاهيندو آهي ته واقعي به هر ڳالهه ڪئي وڃي. جڏهن ته عام طور تي ان مان سندن مطلب اهوئي هوندو آهي ته "هر اها ڳالهه جيڪا معقول ٿي سگهي ٿي." جڏهن ته مسئلو هي به آهي جو ممڪن آهي ته کين ان ڳالهه جي ڄاڻ نه هجي ته معقول ڇا آهي. هو پنهنجي پريشاني ۽ پيڙا ۾ ڊاڪٽر کان نه ته اها ڳالهه پڇندا آهن ۽ نه ئي ڪانئس ٻڌڻ چاهيندا آهن ته هو کين ڇا ٿو ٻڌائڻ چاهي. جڏهن ته هنن جي پاسي کان جڏهن ڊاڪٽرن کي هر ڳالهه ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي ته هو اهڙي هر ڳالهه ڪن ٿا پوءِ چاهي اها مناسب هجي يا نه.

مٿئين صورتحال، هڪ عام رواجي ڳالهه آهي. ڪيترا ماڻهو سي پي آر کي زندگي بچائڻ جو هڪ معتبر طريقو سمجهندا آهن. جڏهن ته اصل ۾ ان مان حاصل ٿيندڙ نتيجا ناقص هوندا آهن. سي پي آر ڪرڻ ڪانپوءِ اهڙا سوين مريض جيڪي مون وٽ ايمرجنسي ۾ آندا ويا هوندا انهن ۾ ته هڪڙو اهڙو به صحتمند شخص هيو جنهن کي ڪڏهن به دل جي ڪا تڪليف نه رهي هئي پر کيس ٽينشن نيوموٿوريڪس (Tension pneumothorax) جي تڪليف هئي ۽ هو پاڻ پنڌ ڪري اسپتال مان هليو ويو هو. جيڪڏهن ڪو مريض ڪنهن سنگين بيماري، پيرسني يا موتمار مرض ۾ مبتلا آهي ته سي پي آر مان سٺن نتيجن اچڻ جي اميد اٽلڪي ٿئي ٿي. جڏهن ته ان سبب ڪنهن وڏيءَ مصيبت ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. اڻ پوري ڄاڻ ۽ غلط اميدن رکڻ سان ڪيترائي غلط فيصلا ڪرڻا پون ٿا.

جڏهن ته اهي رڳو مريض به ناهن جن سبب اهڙيون ڳالهيون پيدا ٿين ٿيون پر اهي ڊاڪٽر به آهن جيڪي پنهنجن اختيارن سبب ائين ڪن ٿا. مسئلو هي به آهي ته جڏهن، ڊاڪٽر به اهڙو ڪو طريقو اختيار ڪرڻ نٿا چاهين جيڪو پرگهور لهڻ ۾ بيڪار ثابت ٿيندڙ هجي تڏهن کين ڪو نه ڪو اهڙو رستو/ اُپاءَ ضرور لهڻ گهرجي جنهن رستي هو مريض ۽ سندس ڪٽنب جون خواهشون پوريون ڪري سگهن. ان لاءِ هڪ دفعو وري به هڪ اهڙي ايمرجنسي روم جو تصور ته ڪري ڏسو جتي مريض جا پريشان حال ۽ ممڪن آهي ته هيجان ۾ مبتلا ڪٽنب وارا موجود هجن. اهي ته ڊاڪٽر کي به نٿا سڃاڻين. اهڙين حالتن ۾ ڪنهن تي اعتبار ۽ ويساه ڪرڻ هڪ تمام نازڪ ڳالهه ٿئي ٿي. ماڻهو اها ڳالهه به سوچڻ لڳن ٿا ته ڊاڪٽر، پنهنجن ذاتي مفادن کان متاهون ٿي، وقت، پئسو ۽ جاکوڙ گهٽائڻ چاهي ٿو. خاص طور تي اهڙين حالتن ۾ جڏهن ڪو ڪنهن وڌيڪ علاج خلاف صلاحون ڏيندو هجي.

ڪي ڊاڪٽر ٻين کان وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ پنهنجي ڳالهه ڪري سگهن ٿا ته ڪي وري پنهنجي ڳالهه تي اٽل رهن ٿا. جڏهن ته اهڙي سڀني ڊاڪٽرن کي هڪ ئي قسم جي دٻاءَ سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. جڏهن مون کي به اهڙين ئي حالتن هيٺ، زندگي ختم ڪرڻ جهڙين مکيارين سان منهن ڏيڻو پيو تڏهن مان، رڳو اهڙين ڳالهين کي، جيڪي مناسب ۽ معقول سمجهيو (جيئن مان ڪنهن ٻيءَ صورتحال ۾ ڪندو آهيان) جيترو ترت ممڪن ٿي سگهيو اختيار ڪيو. جڏهن مريض يا ڪٽنب ڪن غير مناسب مکيارين جو ذڪر ڪندا آهن تڏهن مان ساڻن بلڪل سادي، هڪ عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ انهن مکيارين جي نقصانن جي وضاحت ڪندو آهيان. پر جي پوءِ به مريض ۽ ڪٽنب اهڙن علاجن لاءِ ضد ڪندڙ هوندا آهن جن کي اجايو، فضول ۽ هاڃيڪار سمجهندو آهيان تڏهن مان کين ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر يا اسپتال سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ صلاح ڏيندو آهيان.

ته ڇا اهڙين حالتن ۾ مون کي زوراور ٿيڻ گهرجي ها؟ خبر اٿم ته اهڙا ڪجهه ڪيس، جن کي ٻين ڊاڪٽرن يا اسپتالن جو مشورو ڏنو هيم اهي مون تي واسو ڪري رهيا آهن. هڪ اهڙو مريض جنهن سان منهنجي گهڻي دلچسپي هئي هڪ مشهور سياسي پارٽي جي اڳاڻي هئي. کيس نه رڳو سنگين ڊيابطيس پر سندس گردشي سرشتو به ڀيانڪ ٿي ويو هيو ۽ هڪ دفعي کيس هڪ پير تي پيڙاڪن ڦٽ ٿي پيو هو. اسپتالن جي جوکن ۽ خطرن کي ذهن ۾ رکندي مان هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته جيئن کيس آپريشن/ سرجري ڪرائڻ کان بچائي سگهان پر تنهن هوندي به هن اسپتال کان ٻاهر، ڪنهن ماهر ڊاڪٽر سان صلاح مشورو ڪيو جنهن کي مان نه سڃاڻندو هوس. ايتري گهڻي ڄاڻ نه رکندي جيتري مون کي سندس باري ۾ هئي، ڊاڪٽر سندس ٻنهي ٽنگن جي ٻنجيل رت نيلن جي ٻاءِ پاس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر هو سندس گردش برقرار رکي نه سگهيا ۽ زخم پرجي نه سگهيا. سندس پير گينگرينئي ٿي پيا جنهن سبب سندس ٻئي ٽنگون ڪٽيون ويون. ٻن هفتن ڪانپوءِ ملڪ جي مشهور طبي سينٽر ۾ جتي ساڻس اهو سڀ ڪجهه ٿيو هو، هوءَ فوت ٿي ويئي.

ائين برابر آهي ته اهڙين ماجرائن مان، ٻنهي ڊاڪٽرن ۽ مريضن مان سولائيءَ سان نقص ڪڍي سگهجن ٿا جڏهن ته ڪيترن لحاظن کان سڀئي ڌريون، هڪ اهڙي وڏي سرشتي جو شڪار آهن جيڪو حد کان وڌيڪ علاج لاءِ همٿائي ٿو. اهڙن ڪن بدقسمت ڪيسن ۾ ڊاڪٽر پنهنجين خدمتن لاءِ في به وٺن ٿا ته جيئن هو اهڙي هر ڳالهه ڪري سگهن جيڪا ڪرڻ چاهين ٿا. پوءِ ڀلي اهي اجايون به هجن جو کين پئسو ڪمائڻو آهي. جيئن ته عام طور تي ڊاڪٽر، ڪورٽن سبب به ڊپ ۾ رهن ٿا تنهنڪري کين جيڪي چيو وڃي ٿو هو ڪن ٿا ۽ ان جي موٽ ۾ ڪابه معلومات نه ٿا ڏين ته جيئن ڪنهن به قسم جي مصيبت کان بچي سگهن.

پر جيڪڏهن سڀ تياريون اصولن هيٺ ڪيون به وڃن ٿيون تنهن هوندي موجوده سرشتو ماڻهو ڳڙڪائي وجهي ٿو. منهنجو هڪڙو مريض جنهن نالي 78 سالن جي ڄمار جو هيو جيڪو ڪيترن سالن کان بيمار رهندڙ هيو ۽ سندس اٽڪل 15 دفعا وڏيون آپريشنون ڪيون ويون هيون. هن هڪ دفعي مون کي وصيت ڪئي ته ڪيس ڪڏهن به، ڪنهن به حالت ۾ زنده رکڻ لاءِ پيهر، لائيف سپورٽ مشينن تي نه رکيو وڃي. هڪ ڇنڇر تي جنڪ کي اسٽروڪ (stroke) جو هڪ ناهوڪو حملو ٿيو جنهن سبب بيهوشي جي حالت ۾ سندس گهر واري جي غير موجودگيءَ ۾ ڪيس ايمرجنسي روم ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽرن ڪيس بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ۾ لڳي ويا ۽ ڪيس انتهائي-نگهداشت وارڊ ۾ لائيف سپورٽ مشينن تي رکيو ويو جيڪو جنڪ لاءِ هڪ انتهائي ڀيانڪ سپنو هيو. جڏهن مان اسپتال پهتس ۽ جنڪ جي پرگهور کي لڳي ويس ته مان سندس ونيءَ ۽ اسپتال جي عملي سان ڳالهايو. ان سان گڏ پنهنجي آفيس مان اهي نوٽ به ڪڍي آيس جن ۾ جنڪ پرگهور لهڻ دوران ڪن ڳالهين کي اهميت ڏيڻ جي وصيت ڪئي هئي. مان سندس لائيف سپورٽ مشين بند ڪري ساڻس گڏ ويهي رهيس. اٽڪل ٻن ڪلاڪن کان پوءِ هو فوت ٿي ويو.

جيتوڻيڪ سندس هر وصيت کي دستاويزي شڪل ڏني وئي هئي پر تنهن هوندي به جنڪ جو ائين موت ٿي نه سگهيو جيئن هن چاهيو هو. سرشتي ان ۾ مداخلت ڪئي هئي. اڳتي هلي خبر پيئي ته اسپتال جي هڪ نرس منهنجي خلاف اها به رپورٽ ڪئي ته مان سندس لائيف سپورٽ مشين بند ڪري جنڪ جو خون ڪيو آهي. پر ان شڪايت جو ڪجهه به نه ٿيو جو جنڪ پنهنجي وصيت ۾ هر ڳالهه واضح طور تي چئي ويو هو ۽ ثبوت طور اهڙو دستاويز ڇڏي ويو هو. جڏهن ته پوليس جي انڪوائري ڪنهن به ڊاڪٽر لاءِ پريشان ڪن ٿي سگهي. منهنجي گهڻو سولو هيو ته جنڪ کي سندس خواهش جي ابتڙ لائيف سپورٽ تي رهڻ ڏيان ها. سندس حياتي انگهبي رهي ها ۽ هو ڪجهه وڌيڪ هفتا پيڙا ۾ گذاري ها. مان به ڪجهه وڌيڪ پئسا ڪمايان ها ۽ سندس طبي انشورنس جو بل پنجن لکن ڊالرن کان ڪجهه وڌيڪ اچي ها. جڏهن ته ان ڳالهه تي عجب ڪري نٿو سگهجي ته ڪيترا ڊاڪٽر، حد کان وڌيڪ علاج جي غلطي ڪن ٿا.

جڏهن ته ڊاڪٽر اڄان به پنهنجو حد کان وڌيڪ علاج نٿا ڪن جو ڪين سدائين ان ڳالهه جي نتيجن ڀوڳڻ جو ڊپ رهي ٿو. گهڻي ڀاڱي هر ماڻهو پنهنجي گهر ۾ سڪون ۽ آرام سان مرڻ جو ڪو نه ڪو رستو ڳولهڻ چاهي ٿو جتي پيڙا ۽ درد کي سٺيءَ طرح سان منهن ڏئي سگهجي ٿو. جن اسپتالن ۾ بيمارين ۽ محتاجن جي پرگهور لڌي وڃي ٿي اتي اهڙن سخت بيمار مريضن کي آرامده ۽ شان سان رکيو وڃي ٿو بجاءِ ان جي تي ڪين اجايا علاج ڏجن. جنهن سبب ڪيترن ماڻهن جا آخري ڏينهن سٺيءَ حالت ۾ گذرن ٿا. اپياسن مان هڪ دلچسپ ڳالهه هيءَ به ڏٺي وئي آهي ته، جن ماڻهن کي پرگهور لاءِ هاسپس (hospice= هڪ اهڙي جاءِ جتي زندگي جا آخري ڏينهن گذاريندڙن کي سک ۽ سهولتون مهيا ڪجن) ۾ ڇڏيو وڃي ٿو سي عام طور تي انهن ماڻهن کان گهڻي ڊگهي ڄمار ماڻين ٿا جن کي ساڳين قسمن جون تڪليفون هجن ٿيون ۽ اهي پنهنجي علاج ڪرائيندا رهن ٿا. مان تازو اها ڳالهه ٻڌي به حيرت ۾ پئجي ويس ته "ملڪ جو هڪ مشهور رپورٽر، ٽام وڪر پنهنجي گهر ۾، گهر ڀاتين جي موجودگيءَ ۾ وڏي سڪون سان پرلوڪ پڌاريو." جڏهن ته خوشقسمتيءَ سان هن قسم جون ڳالهيون هاڻ عام ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. مون کان ڪي سال وڏو، منهنجو هڪ سوٽ نالي ٽارچ (جيڪو گهر ۾ ٽارچ جي روشنيءَ ۾ ڄائو هيو) کيس هڪڙو دورو پيو جيڪو کيس ڦڦڙي ڪينسر جي دماغ تائين وڃڻ پهچڻ سبب ٿيو هو. کيس ڪيترن مختلف ماهرن کي ڏيکاريم ۽ ڇڪاسرايم. جنهن مان اسان کي ٻڌايو ويو ته، سندس بيماريءَ جي حساب سان کيس طاقتور علاج ڏيڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ کيس هر هفتي ٽن کان پنجن دفعن تائين ڪيموٿراپي ڪرائڻ لاءِ اچڻو پوندو ۽ شايد ته چئن مهينن تائين زنده رهي سگهندو.

ٽارچ ڪنهن به قسم جي علاج نه ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. پر دماغ جي سوزش گهٽائڻ لاءِ گوريون کائيندو رهيو. ٽارچ مون سان گڏ رهڻ لڳو.

ٻين اٺن مهينن تائين، اسان ڪيتريون ڳالهيون ڪندا رهياسين جن مان هو خوش رهندو ٿي آيو ۽ اسان ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون به ڪندا رهياسين جيڪي گذريل ڪيترن ڏهاڪن دوران نه ڪيون هيون. اسان ڊزني لئنڊ گهمڻ وياسين (هو پهريون ڀيرو هليو هو) اسان گهڻوتڻو گهر ۾ گڏ گذاريندا هياسين. ٽارچ، رانڊين جو به شوقين هيو. ٽي وي تي رانڊين جا پروگرام ۽ منهنجو رڌل کاڌو کائي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. منهنجو کاڌو کائي سندس ڪجهه وزن به وڌي ويو هو جو کيس پنهنجي پسند جون شيون ملنديون هيون بجاءِ اسپتال جي کاڌي جي. کيس ڪڏهن به ڪا پيڙا يا شديد سور محسوس نه ٿيو. سدائين خوش خوش رهندو هو. هڪ ڏينهن هو جيئن ئي ستو ته وري سجاڳ نه ٿيو. هو ٻيا ٽي ڏينهن سڪتي جهڙي ننڊ ۾ رهيو ۽ پوءِ دم ڏنائين. انهن اٺن مهينن دوران سندس طبي پرگهور لهڻ تي جيڪو خرچ آيو اهو ان هڪڙي دوا جو هيو جيڪا هو کائيندو هو. اٽڪل 20 ڊالر هيو.

جيتوڻيڪ ٽارچ ڊاڪٽر نه هيو نه پر تنهن هوندي به هن هڪ معياري، سٺي ۽ خوش زندگي گذارڻ پئي چاهي پر نه ڪي مقداري. ڇا اسان مان به گهڻا اهڙي نٿا چاهين؟ جيڪڏهن حياتي کي ڪنهن بي مثالي پرگهور جي فن رستي بچائڻ جي ضرورت آهي ته اهو آهي، شان سان مرڻ.

جڏهن ته منهنجي لاءِ منهنجن ڊاڪٽرن وٽ منهنجيون مکياريون آهن، جيڪي پوريون ڪرڻ سوليون آهن جو اهي ڪيترن ڊاڪٽرن لاءِ ئي آهن. ان ڪانسواءِ مون وٽ ڪا مکياري ڪونهي جو سنئون سڌو سڪون سان رات جي پيٽ ۾ ائين هليو ويندس جيئن منهنجو گرو چارلي، منهنجو سوٽ ٽارچ ۽ منهنجا ڪيترا ساٿي ڊاڪٽر.

***

ڪان پوءِ باقاعدي ڪنهن مستند ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ لاءِ مريض کي ڪنهن صاف چادر ۾ ويڙهي اسپتال ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن مريض گرم پاڻي يا کير سان سڙيو هجي ته اُن جي کل مٿان ڦلوڪڙا ظاهر ٿي پوندا آهن. عام طور تي اِهو ڏٺو ويو آهي ته اڪثر ماڻهو اُنهن ڦلوڪڙن جي مٿين کل کي ڪٽي ڇڏيندا آهن جيڪو پڻ کل جي صحت لاءِ هڪ نقصانڪار عمل آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ڦلوڪڙن جي مٿي کل کي ڪٽڻ جي ڪري هڪ ته جسم جو پاڻي ذيان ٿيندو آهي اُن سان گڏوگڏ جسم جو اُهو حصو جيڪو سڙيو هجي جراثيمن جي حملي کان محفوظ نه رهندو آهي اُن ڪري ڪنهن به صورت ۾ ڦلوڪڻ کي نه ڪٽڻ گهرجي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته گهرن اندر عورتون ننڍين کير پيئندڙ ٻارن کي هنج ۾ کڻي رڌ پچاءُ ڪنديون آهن جيڪو انتهائي خطرناڪ عمل آهي، جيئن ته رڌڻي واري جاءِ ۾ گرم پاڻي، گرم تيل يا گيهه ۽ باهه جي موجودگي هوندي آهي اُن ڪري ڪنهن لاپرواهي جي صورت ۾ ڪو وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. ويجهڙائي ۾ ڪوڙ سارا اهڙا واقعا پيش پڻ آيا آهن جو ڪجهه عورتون پنهنجي ننڍين ٻارن کي کڻي رڌڻي ۾ ڪم به ڪن ٿيون ۽ اڪثر ڪري ٻار اُن گرم تيل، پاڻي يا ڪنهن گرم ٿانو ۾ ڪري پون ٿا جنهن جو نتيجو سئو سيڪڙو ٻار جو موت ٿي آهي. اُن ڪري ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن به رڌ پچاءُ وارو ڪم ڪجي ته پنهنجن ٻارن کي اُن حصي کان پري رکجي.

**حادثاتي طور سڙڻ کان بچڻ جا طريقا:**

جيڪڏهن اسان ٿورڙي احتياط کان ڪم وٺون ته جيڪر ڪوڙ سارن حادثن کان بچي سگهجي ٿو. اِن ڏس ۾ هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي.

**غير معياري چلهن جو استعمال:**

اڪثر ڪري اسان پنهنجن گهرن ۾ غير معياري گئس جا چُلها استعمال ڪندا آهيون جن مان وقت به وقت گئس خارج ٿيندي رهندي آهي ۽ اوچتو جيڪڏهن ڪو چلهو ٻارڻ لاءِ تيلي ٻاريندو آهي ته يڪدم باهه وڪوڙي ويندي آهي. اهڙي قسم جي ٿيندڙ نقصانن کان بچڻ لاءِ اسان کي گهرجي ته گهرن اندر مضبوط معياري ۽ محفوظ گئس جا چلها استعمال ڪجن. ڪاڌي وغيره پچائڻ کانپوءِ چلهو بند ڪرڻ وقت اِن ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي ته ڪٿي گئس جو چلهو ليڪ ته ڪونه آهي. بهتر ائين به ٿيندو ته چلهي ڏانهن ايندڙ گئس جو مين وال بند ڪرڻ گهرجي.

**غير معياري سلينڊرن جو استعمال:**

جن گهرن يا جڳهين تي گئس موجود نه هوندي آهي اُتي گهڻو ڪري ماڻهو گئس جا سلينڊر استعمال ڪندا آهن جيڪي عام بازار ۾ ملندا آهن. ڏٺو اِهو ويو آهي ته اڪثر ڪري گهرن اندر استعمال ٿيندڙ گئس سلينڊر انتهائي ناقص ۽ غير معياري هوندا آهن. جيڪڏهن اوهان جي گهر ۾ ڪو اهڙو گئس سلينڊر آهي ته اوهان اِئين سمجهو ته اوهان جي گهر ۾ هڪ بم پيو آهي، جيڪو ڪيڏي مهل به ڦاٽي سگهي ٿو ۽ اوهان کي نقصان پهچي سگهي ٿو اُن ڪري ضروري آهي ته جيڪڏهن اوهان ڪو گئس سلينڊر استعمال ڪيو ٿا ته اُن گئس سلينڊر جي چڱيءَ ريت جاچ ٽيڙ ڪيو، اُهو گئس سلينڊر نئون ۽ مضبوط هجڻ کپي ۽ ڪنهن اهڙي جاءِ تي رکڻ گهرجي جيڪو حادثي جي صورت ۾ اوهان کان پري هجي.

**رڌ پچاءَ جا چلها:**

جيئن اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڪاڌي پچائڻ وارين جاين تي رڌ پچاءَ وارا چلها ڪنهن اهڙي جاءِ تي رکڻ گهرجن جيڪي ٻارن جي پهچ کان پري هجن. ڇو ته اڪثر اِهو ڏٺو ويو آهي ته گهرن اندر 50 سيڪڙو کان وڌيڪ سڙڻ جا واقعا رڌ پچاءَ جي چلهن جي ڪري سامهون ايندا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته بورچي خاني اندر ٻرندڙ باهه جتي اوهان جي پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ تيار ٿيندڙ ڪاڌي لاءِ استعمال ٿئي ٿي اُتي ساڳي ئي وقت ٿورڙي بي احتياطي ۽ غفلت جي ڪري اُها اوهان جي ۽ اوهان جي ٻارن جي جسم کي به نقصان پهچائي سگهي.

**گئس جي هيٽر جو استعمال:**

اڪثر ڪري سياري واري موسم ۾ اسين پنهنجن ڪمرن اندر سيءَ کان بچڻ لاءِ گئس جي هيٽرن جو استعمال ڪندا آهيون. پر ڪڏهن ڪڏهن بي احتياطي جي ڪري اُن مان ٿيندڙ نقصان جي تلافيءَ جو ڪو به موقعو نه رهندو آهي. جيڪڏهن اخبارن کي ڏسبو ته سياري واري موسم ۾ اُهي اڪثر اهڙن خبرن سان ڀريل هونديون آهن جنهن ۾ گهٽجي مري وڃڻ سان گڏوگڏ گهرن کي باهيون پڻ لڳنديون آهن جنهن جي نتيجي ۾ رات جي وقت اُتي ستل ماڻهو پنهنجي زندگي وڃائي ويندا آهن. اُن ڪري اِن ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي ته جڏهن به سياري جي موسم ۾ گئس جو هيٽر استعمال ڪيو ته سمهڻ کان اڳ اُن کي بند ڪري ڇڏيو گڏوگڏ اُن گئس جو مين وال بند ڪرڻ نه وساريو ۽ پنهنجن ننڍين ٻارن کي اُن گئس جي هيٽر جي ويجهو وڃڻ کان روڪيو يا وري هيٽر ڪنهن اهڙي جاءِ تي رکو جيڪا ٻارن جي پهچ کان پري هُجي.

**جهوپڙين يا ڪکاون گهرن ۾ ميڻ بتين يا هٿ بتي جو استعمال:**

ٻهراڙين اندر اڪثر ڪري جهوپڙين يا ڪکاون گهرن ۾ رات جي وقت روشني ڪرڻ جي لاءِ ميڻ بتين يا هٿ وارين بتين جو استعمال ڪيو ويندو آهي جن ۾ گاسليٽ پڻ پوندو آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اهڙن جاين تي سڙڻ وارا واقعا وڌيڪ ٿيندا آهن. اُن ڪري بهتر اِهو ٿيندو ته اهڙن ڪکاون گهرن ۾ چارج واري لائيٽ استعمال ڪرڻ گهرجي يا وري اُتي روشني جو بندوبست ڪرڻ جي لاءِ بيٽري جو استعمال ڪجي.

سنڌيءَ جي هڪ عام چوڻي آهي ته "احتياط علاج کان بهتر آهي" جيڪڏهن اسين مٿي ڏنل هدايتن تي عمل ڪريون ته ڪوڙ سارن نقصانن کان بچي سگهجي ٿو جن ۾ زندگيءَ جو ذيان پڻ شامل آهي. احتياط نه ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو سڙي پوي ته اهڙن مريضن جي علاج تي لکين رُپيا خرچ اچي وڃن ٿا سو به جيڪڏهن سڙڻ جي اُها ڊگري چاليهه کان پنجاهه سيڪڙو آهي ته اهڙن مريضن جو بچڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. پر جيڪڏهن سڙڻ جي ڊگري گهڙي به هجي پلي اُهو ٺيڪ به ٿي وڃي تڏهن به اڪثر ڪري کل مٿان اُن سڙڻ جا نشان سڄي عمر لاءِ رهجي ويندا آهن جيڪو پڻ اُن مريض لاءِ ٻين نفسياتي مسئلن جو سبب ٿئي ٿو.

***

اچڻ، چڙ ۽ ڪاوڙ جو وڌڻ، بين پاران تنقيد ڪرڻ تي ڪاوڙجي پوڻ ۽ گهٽ برداشت ڪرڻ، بظاهر خواهشن کان عاري محسوس ڪرڻ، جسم ۽ هٿن ۾ ڏڪڻي ٿيڻ، پيشاب جو باربار پاڻهي نڪري وڃڻ، چڪر اچڻ، غلط خيالن جو اظهار ڪرڻ جنسي خواهشن جو وڌي وڃڻ. ڏيان جو فقدان ٿيڻ، روئڻ، پنهنجي منهن پور پچائڻ، بنا ٻڌائڻ جي گهر مان نڪري وڃڻ، هر هر سوال پڇڻ، بيزاري جو اظهار ڪرڻ، ننڊ جو نہ اچڻ يا رات جو جاڳڻ ۽ ڏينهن جو سمهڻ، پنهنجي جسماني صفائي جو خيال نہ رکڻ. اهي عام علامتون آهن جيڪي اڪثر ڪري هر بزرگ پيرسن ۾ ملي ويندين پر اهي بزرگ جيڪي ذهني، دماغي ۽ نفسياتي ۽ جسماني بيماري جو شڪار هوندا آهن اهي جسماني طور معذور مفلوج ٿي ويندا آهن پوءِ اُنهن جو اولاد توڙي سار سنڀال لهندڙ اُنهن سان نازيبا سلوڪ ڪندا آهن صحت جي عالمي اداري (WHO) ناروا سلوڪ جي وصف هن ريت ڏني آهي تہ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ دفعہ ورجايل عمل يا غير مناسب حرڪت جيڪو ڪنهن بہ تعلق رشتي سان ٿيندو هجي جيڪو ڪنهن بہ بزرگ پيرسن کي شديد ذهني دباءُ يا نقصان ۾ مبتلا ڪري اُنهي کي ناروا سلوڪ جي ذمري ۾ آڻي سگهجي ٿو. اُنهي نازيبا سلوڪ ۾ جسماني، جنسي، نفسياتي، جذباتي، اقتصادي تشدد شامل آهي. اُنهيءَ سان گڏ اُنهيءَ بزرگ کي زدوڪوب يا قيد ڪرڻ، نظر انداز ڪرڻ، خطرناڪ حد تائين اُنهيءَ جي عظمت ۽ ذاتي عزت کي نقصان رسائڻ پڻ نازيبا سلوڪ جي ذمري ۾ پڻ اچي ٿو.

سڌريل ملڪن جي انگ اکرن کي جڏهن گڏ ڪيو ويو تہ 4 کان 6 سيڪڙو تائين پيرسن بزرگن کي اُنهن جي پنهنجي گهرن ۾ ئي ناروا سلوڪ سان منهن ڏيڻو پوندو آهي اُنهيءَ ۾ اُنهن جو اولاد ئي ملوث هوندو آهي. اُنهيءَ جا انگ اکر اچان بہ وڌيڪ هوندا آهن ڇاڪاڻ تہ گهر نيڪالي جي خوف کان ڪيترائي بزرگ ناروا سلوڪ جو ڪنهن سان اظهار نہ ڪندا آهن پوءِ اهي جسماني، نفسياتي ۽ سماجي ايذاءُ وڏي نقصان جو باعث بڻجندا آهن. اهي بزرگ ڪم ڪار نٿا ڪري سگهن جسماني طور ڪمزور ۽ نبل ٿي ويندا آهن. ذهني/نفسياتي طور آهستي جو شڪار ٿي ويندا آهن معذور ٿي بي يارومددگار ٿي ويندا آهن. عمرن جو اهو تضاد بزرگ پيرسنن جي حالت وڌيڪ ابتر ڪري وجهندو آهي ذهني بيمارين جا جسماني بيمارين تي وڏا خراب اثر ٿين ٿا. جهڙوڪ ڪو بزرگ شگر جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي اُنهيءَ سان گڏوگڏ مايوسي ۽ ڊپريشن جي بيماري پڻ آهي تہ انهي جو علاج سان ڳانڊاپو گهٽجي وڃي ٿو. اُنهيءَ ۾ انيڪ پيچيدگيون پيدا ٿي وينديون آهن. دل جون بيماريون شروع ٿي وڃن ٿيون. زندگي گذارڻ جو ڍنگ ۽ نمونو بهتر نٿو رهي، صحت جي ٺيڪ ڪرڻ واري لاڳت وڌي وڃي ٿي، معذوري وڏي ڪم جي بچيل صلاحيت کي پڻ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ موت جو خطرو وڌي وڃي ٿو.

**بزرگن ۾ ٿيندڙ عام نفسياتي بيماريون:**

ويسر جي بيماري (Dementia)، ڊپريشن، تشويش، شڪ وهم (Paronia) جي بيماري، ضد جي بيماري، جنسي رغبت وڌڻ جي بيماري، اُنهيءَ سان گڏوگڏ دماغ جي گهرڻ ۽ دماغ جي مقدار ۾ سڪڙجڻ جي بيماري ۽ نارمل پريشر هائيڊرو سيفليس واري بيماري ۽ ٻيون انيڪ بيماريون جيڪي جيئڻ ۽ رهڻ جي صلاحيتن کي گهٽائين ٿيون. مٿان وري پنهنجن جا رويا ۽ سلوڪ رهيل ڪسر پوري ڪري ڇڏين ٿا.



**ڇا ڪجي؟**

هڪ مهذب معاشري جي پڙهيل لکيل توڙي اڻ پڙهيل، سلجهيل فرد لاءِ اهو پيغام آهي تہ پيرسن بزرگ تاريخ سان گڏوگڏ تربيت گاهہ پڻ آهن اُنهن جي جسماني صحت کي ٺيڪ ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي روحاني، نفسياتي ۽ سماجي صحت تي پڻ ڪم ڪرڻ گهرجي. ننڍيون ننڍيون خوشيون انهن سان گڏ ملهايو. پنهنجا رويا ۽ سلوڪ بهتر ڪريو. انهن کي مصروف رکڻ جي ڪوشش ڪريو. انهن جي رهائش، خوراڪ ۽ جسماني سار سنڀال جو خيال رکو. انهي وقت کي ياد ڪريو جڏهن توهان ننڍا ٻالڪ هئا ۽ پنهنجو حاجتون ڪپڙن ۾ ڪندا هئا. اُنهيءَ مهل توهان جا والدين توهان جي صفائي جو خيال وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان ڪندا هُئا. پنهنجا خيال انهن لاءِ هاڪاري رکو.

❋❋❋



# اعصابي نظام ۽ اُن ۾ پيدا ٿيندڙ تڪليفون

اعصابي نظام رڳن، ڪرنگهي جي هڏيءَ ۽ دماغ تي مشتمل آهي. اعصابي رڳون اسان جي جسم ۾ بجليءَ جي تارن وانگر ڦهليل آهن. جيڪي جسم جي مختلف عضون ۾ ٿيندڙ محسوسات کي اسان جي دماغ تائين پهچائينديون آهن. مثال طور: ٿڌو، گرم، چڀندڙ ڪنهن شيءِ جي ڇُهڻ يا دٻاءَ جو احساس.

**اعصابي سور ڇا آهي؟**

- عام طور تي اعصابي رڳن تي ڌڪ لڳڻ جي ڪري اسان اعصابي سور جو شڪار ٿيندا آهيون.
- تحقيق ڪندڙ چون ٿا ته اعصابي سور جو هڪ عام سبب ڪرنگهي جي هڏيءَ تي لڳندڙ ڌڪ به هوندو آهي.
- اِها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هر پاسي جو سُور يا ڪرنگهي جي هڏيءَ جي سور جو تعلق اعصابي سور سان ڪونه هوندو آهي.
- اعصابي سُور جو هڪ سبب شگر يا رت ۾ مٺاڻ جي بيماري به آهي. ۽ عام ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد رت ۾ مٺاڻ جي بيماري جو شڪار آهي. شگر اسانجي ننڍين اعصابي رڳن کي نقصان پهچائيندي آهي. جنهن جي ڪري اسان سوڄ ۽ ساڙي جهڙين علامتن جو شڪار ٿي پوندا آهيون.



**اعصابي سُور جون علامتون :**

- اوچتو سُور جو وڌي وڃڻ.
- سوڄ يا ساڙي جو پيدا ٿي پوڻ.
- متاثر حصي تي چڪ محسوس ٿيڻ.
- متاثر حصي جو سُن ٿي وڃڻ.
- يا وري اِنهن سڀني علامتن جو هڪ ئي وقت ظاهر ٿيڻ.

## نوٽ

ايم. ڪي هيلٿ مئگزين جي سالياني فيس 300 رُپيا رکي وئي آهي هن رسالي جو ساليانو خريدار ٿيڻ لاءِ اوهان پنهنجي ويجهي پوسٽ آفيس منجهان هيٺئين ائڊريس تي مٿي ڄاڻايل رقم مني آرڊر ڪريو. مني آرڊر ۾ پنهنجي پوسٽل ائڊريس صاف ۽ چٽن اکرن سان لکو. جيئن هر مهيني آساني سان اوهان جي ڏنل ائڊريس تي پهچائي سگهجي.

**ائڊريس:** ايم. ڪي اسپتال، سٽيزن پلازه ،آغا خان اسپتال مين ڄامشورو روڊ حيدرآباد

**رابطي لاءِ:** فون نمبر: 0300-9272856, 0334-2628860, 0222781771

